Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

جلد :11	چنچر 22 جولاءِ 2023 ع بمطابق 03 محرم الحرام 1445ھ	شمارو: 273	قيمت10 روپيا

مارشل لا لڳو ته اسان مداخلت ڪنداسين: چيف جسٽس

اسان چاهيون ٿا ته حراست ۾ موجود ماڻهن کي بنيادي حق ملن، حراست ۾ موجود ماڻهن کي سنڌن گهرڀاتين سان ملاقات جي اجازت هجي

چا اسان ڪنهن رٽائرڊ جج کي 102 ماڻهن سان ملاقات لاءِ فوڪل پرسن مقرر ڪري سگهون ٿا

ان حوالي سان مان توهان کي چيمبر ۾ ٻڌائيندس (اٽارني جنرل) فوجي عدالتن ۾ جوابدارن کي دفاع لاءِ تمام گهڻ وقت ڏنو ويندو آهي: چيف جسٽس

ملٽري ڪورٽس ۾ ٽرائل دوران جوابدار پنهنجي وڪيل سان مشاورت ڪري سگهي ٿو: اٽارني جنرل

ظاهري طور حراست ۾ موجود 102 جوابدارن مان ڪنهن کي به موت جي سزا نه ڏني ويندي

جوابدارن کي اپيل جو حق ڏيڻ بابت محتاط رهي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي

اسلام آباد (م ر د) چيف جسٽس عمر عطا بنديال فوجي عدالتن ۾ سولينز جي ٽرائل خلاف درخواستن تي ٻڌڻي دوران رمارڪس ڏنا آهن ته جيڪڏهن ملڪ ۾ مارشل لا لڳو ته اسان مداخلت ڪنداسين. اسان چاهيون ٿا ته حراست ۾ موجود ماڻهن کي بنيادي حق ملن. حراست ۾ موجود ماڻهن کي سنڌن گهرڀاتين سان ملاقات جي اجازت هجي چيف جسٽس اٽارني جنرل کي مخاطب ٿيندي سوال ڪيو ته چا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ٻوڏ متاثرن لاءِ گهر تعمير ڪرڻ واري پروگرام کي خطاب ڪري رهيو آهي

پيپلز هائوسنگ اسڪيم عوام جي اثاثن جي منتقلي آهي: بلاول ڀٽو

واعدو ڪيان ٿو ته ٻوڏ ۾ جنهن به گهر کي نقصان پهتو ته ان جي نه رڳو مالي مدد ڪئي ويندي پر گهرن جا مالڪ حق پڻ ڏنا ويندا

هن صوبي مان انقلاب جي شروعات ٿي رهي آهي. هن وقت سڄي ملڪ ۾ مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي مسئلا آهن

جيڪڏهن اسان پاڪستان جي عام ماڻهو کي معاشي طور تي مضبوط بڻائينداسين ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ملڪ کي به پنهنجي پيرن تي بيهارينداسين

ٻوڏ سبب اسان جو تاريخي نقصان ٿيو پر جڏهن اسان جي پيپلز هائوسنگ اسڪيم جو ڪم مڪمل ٿيندو ته اوهان جي مالي حالت ٻوڏ کان اڳ جي ڀيٽ ۾ بهتر ٿي ويندي

جيڪڏهن مستقبل ۾ به اهڙي ٻوڏ آئي ته توهان جي گهر کي نقصان نه پهچندو چو ته اهي گهر اهڙي طرح ٺهيل آهن ته اهي ٻوڏ ۾ خراب نه ٿين: لاڙڪاڻي ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ گهر تعمير ڪرڻ واري پروگرام کي خطاب

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اڄ عوام کي شايد احساس نه هجي پر اسان پيپلز هائوسنگ اسڪيم جو منصوبو ڏنو آهي جيڪو رياست کان عورتن ڏانهن اثاثن جي منتقلي آهي. لاڙڪاڻي ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ گهر تعمير ڪرڻ واري پروگرام کي خطاب ڪندي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ٻوڏ سبب ٿيل نقصان کي آهستي آهستي درست ڪيو ويندو پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان کي سنڌ صوبي ۾ 20 لک گهر ٺاهڻا آهن. جنهن ۾ وقت ضرور لڳندو پر مان واعدو ڪيان ٿو ته ٻوڏ ۾ جنهن به گهر کي نقصان پهتو ته ان جي نه رڳو مالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ايپڪس ڪميٽي جو اجلاس ٿي رهيو آهي

سنڌ جي 21 لک ٻوڏ متاثرن کي گهر ٺاهي ڏينداسين: شرجيل ميمڻ

گهر ٺاهي ڏيڻ جا وعدا ڪنهن ٻئي شخص ڪيا هئا پر هن هڪ به گهر ٺاهي نه ڏنو

اسان اڳ ئي چيو هو ته سائيفر وارو معاملو هڪ ڊرامو آهي، پي ٽي آءِ جا ميمبر اسيمبلي به نه ٿا اچن

خوف وچان لڪندا پيا وتن، پي ٽي آءِ ميمبرز کي اجلاس ۾ آن لائين شرڪت جي آڇ ڪيون ٿا

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير شرجيل ميمڻ دعويٰ ڪئي آهي ته گهر ٺاهي ڏيڻ جا وعدا ڪنهن ٻئي شخص ڪيا هئا پر هن هڪ به گهر ٺاهي نه ڏنو اسان اڳ ئي چيو هو ته سائيفر وارو معاملو هڪ ڊرامو آهي، پي ٽي آءِ جا ميمبر اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

بي حرمتي ڪندڙ شيطان جي پيروڪارن کي روڪڻو پوندو: وزيراعظم

او آءِ سي جي پليٽ فارم تان ان شيطانيت جي تدارڪ جي گڏيل حڪمت عملي جوڙينداسين: شهباز شريف

او آءِ سي کي مسلم امت جي احساسن جي ترجماني ۽ ان شيطانيت کي روڪڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪرڻو آهي

توريت، انجيل ۽ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي اجازت ڏيڻ جي فيصلي کي تبديل ڪرڻ جي مهم هلائينداسين

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي واقعي جي سخت مذمت ڪئي آهي. وزيراعظم شهباز شريف پنهنجي بيان ۾ چيو ته او آءِ سي جي پليٽ فارم تان ان شيطانيت جي تدارڪ جي گڏيل حڪمت عملي جوڙينداسين. او آءِ سي کي مسلم امت جي احساسن جي ترجماني ۽ ان شيطانيت کي روڪڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪرڻو آهي. توريت، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پيلن ۾ لڳل باهه وسائڻ لاءِ ويل هيلي ڪاپٽر تباهه، پائلٽ فوت

ڪينيڊا جي پيلن ۾ گذريل هفتي باهه لڳي هئي جنهن تي هيل تائين ضابطو ناهي آندو ويو

هيل تائين پيلن ۾ لڳڻ باهه کي وسائڻ جي ڪوشش ۾ ٻه ڄڻا فوت ٿي چڪا

اوٽاوا (م ر د) ڪينيڊا جي پيلن جي باهه وسائيندڙ هيلي ڪاپٽر حادثي جو شڪار ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ پائلٽ فوت ٿي ويو ميڊيا رپورٽن مرجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ايس ايس يو ڪمانڊو باڊي بلڊنگ مقابلي ۾ 3 ٽائيٽلز پنهنجي نالي ڪري ورتا

ڪراچي (م ر د) سنڌ پوليس جي اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ ايس ايس يو جي ڪمانڊو احمد صديقي باڊي بلڊنگ ۾ مهارت جو مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

محرم الحرام: ڊي جي رينجرز سنڌ جي علماءِ ڪرام سان ملاقات

ڊي جي رينجرز عزادارن کي محرم الحرام دوران سيڪيورٽي جي انتظامن بابت بريفنگ ڏني

سنڌ عزادارن جي سيڪيورٽي لاءِ فول پروف انتظامن جي خاطري ڪرائي وئي: ترجمان

ڪراچي (رپورٽر) ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل اظهر وقاص محرم الحرام جي حوالي سان ڪراچي ۾ سمورن مڪاتب فڪر جي عالمن ۽ عالمن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سعودي عرب غير ملڪين لاءِ عمري جي نئين اسڪيم متعارف ڪرائي ڇڏي

رياض (م ر د) سعودي عرب عمري جي سعادت حاصل ڪندڙ غير ملڪين لاءِ نئين اسڪيم جو اعلان ڪيو آهي. سعودي عرب جي حج ۽ عمري بابت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پيٽرول پمپ مالڪن سان ڳالهين ۾ اڳڀرائي ٿي آهي: مصدق ملڪ

پيٽرول پمپ مالڪن هڙتال ٻن ڏينهن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي

ڏينهن ڪانپوءِ وري ڳالهين جو امڪان آهي: پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن

ڪراچي (م ر د) پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ جي پيٽرول پمپ مالڪن سان ڳالهين ۾ اڳڀرائي ٿي آهي ۽ پيٽرول پمپ مالڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

جمهوريت جو راڳ آلاپيندڙ به مسئلا حل نه ڪري سگهيا: جماعت اسلامي امير

انگريز هليا، 75 سالن کانپوءِ به سنڌن ڏنل نظام ۽ چوڪيدار ملڪ تي مڙهيل آهن: سراج الحق

199 ملڪن ۾ گرين پاسپورٽ کي عراق، شام ۽ افغانستان بعد دنيا جو چوٿون بدترين پاسپورٽ قرار ڏنو ويو

پيپلزپارٽي جي حڪومت 16 مهينن ۾ عوام جو هڪ مسئلو به حل ناهي ڪيو: صفدر آباد شيخوپورا ۾ ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب

ڪراچي (م ر د) جماعت اسلامي امير سراج الحق چيو آهي ته انگريز هليا، 75 سالن کانپوءِ به سنڌن ڏنل نظام ۽ چوڪيدار ملڪ تي مڙهيل آهن. 199 ملڪن ۾ گرين پاسپورٽ کي عراق، شام ۽ افغانستان بعد دنيا جو چوٿون بدترين پاسپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

معاملو پي ٽي آءِ چيئرمين جي نااهلي تائين وڃي سگهي ٿو: خواجا آصف

سائفر هڪ ڳجهو دستاويز آهي جنهن کي سياست لاءِ استعمال ڪيو ويو

آفيشل سيڪريٽس ايڪٽ ذريعي قومي سلامتي سان ڪمپرومائيز ڪيو ويو

ڳجهن دستاويزن کي پنهنجي سياسي فائدن لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) بجاءِ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته سيڪيورٽي معاملي تي ڳالهيون پي ٽي آءِ چيئرمين جي نااهلي جو سبب بڻجي سگهن ٿيون. ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين تي 100 سيڪڙو آرٽيڪل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16



سرحد جو سينيئر صحافي حاڪم ابڙو حملي ۾ زخمي، پوليس جوابدار گرفتار ڪري ورتو

سرحد جي سرپرست اعليٰ حاڪم خان ابڙو مٺان بائي پاس پرسان پهوڙ برادري جي هٿيار بندن حملو ڪيو

اطلاع تي مقامي صحافي وڏي انگ ۾ پهچي ويا جن حاڪم خان ابڙو کي سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو

سرحد پريس ڪلب جي صدر راڻا راحت حسين، عطاءَ حسين سومرو، حاجي محمد مهر، عبدالحميد ابڙو پاران مذمت

سرحد (رپورٽر) سرحد جو سينيئر صحافي حاڪم ابڙو حملي ۾ زخمي، صحافين پاران واقعي جي مذمت. پوليس جوابدار گرفتار ڪري ورتو خبرموجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 37

وفاقي وزير خواجه سعد رفيق

اسلام آباد ايئرپورٽ کي 15 سالن لاءِ آئوٽ سورس ڪيو ويندو: سعد رفيق

ڪو به ملازم بيروزگار نه ٿيندو، آئوٽ سورسنگ جو مطلب اهو ناهي ته ايئرپورٽ وڪرو ڪيا پيا وڃن

ڪنهن به دٻاءُ ورتو ته دٻاءُ برداشت نه ڪيو ويندو، اسلام آباد ايئرپورٽ کي 15 سالن لاءِ آئوٽ سورس ڪيو ويندو

اسلام آباد (م ر د) وفاقي وزير خواجه سعد رفيق قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي خواجه سعد رفيق چيو آهي ته اسلام آباد ايئرپورٽ کي آئوٽ سورس ڪيو پيو وڃي. ڪو به ملازم بيروزگار نه ٿيندو. آئوٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سانگي ٽاٽي جي حد ۾ نرچ اسٽاپ ويجهو ڳوٺ امير بخش ڪلهوڙو تي فائرنگ

آسپاس جي ڳوٺن ۾ معصوم ٻارڙن سميت علائقي واسين ۾ خوف ۽ هراس ڇانئجي ويو

رستي تان گذر ڪندڙ ڳوٺ دڦر جتوئي واسي اعجاز احمد جتوئي به گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو

سلطانپور (رپورٽ) سانگي ٽاٽي جي حد نرچ اسٽاپ ويجهو ڳوٺ امير بخش ڪلهوڙو تي مهر برادري جي سرين ماڻهن پاران ڪيل ڪاهه زوردار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

محرم الحرام جي سلسلي ۾ ٺٺون ڪوٽ بس اسٽاپ پرسان مجلس عزا منعقد

حضرت امام حسين عليہ السلام ۽ ساٿين جي ڏنل لازوال قربانين تي روشني وڌي

محمد اسحاق ڪنيار جي رهائش گاهه تان علم عباس ۽ ذوالجناح ۽ جلوس برآمد ٿيو

ٺٺون ڪوٽ (رپورٽر) محرم الحرام جي سلسلي ۾ ٺٺون ڪوٽ بس اسٽاپ پرسان محمد اسحاق ڪنيار جي رهائشگاهه ۾ شيعا علماء ڪائونسل پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 36

غوث بخش مهر پ پ ۾ شامل

اڳوٽي ضلعي ناظم عارف خان مهر ۽ ايم پي اي شهريار خان مهر طرفان ب پ ۾ شموليت جو اعلان

ايم پي اي شهريار مهر ملڪ کان ٻاهر هجڻ سبب گڏجاڻي ۾ شريڪ نه هو، محرم بعد وزير آباد ۾ جلسي ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) چيف منسٽر سنڌ سيد مراد علي شاهه، نثار کهڙو، منظور وسان، شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، محمد علي شيخ، اعجاز جکراڻي ٻين جي ايم اين اي غوث بخش مهر جي ڪراچي واري بهنتاجي دي اي ايم اين اي غوث بخش خان مهر، اڳوٽي ضلعي ناظم عارف خان مهر ۽ ايم پي اي شهريار خان مهر طرفان ب پ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. ايم پي اي شهريار مهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

موٽر وي ٽول پلازه تي چيڪنگ دوران مسافر بس مان 14 پولڙا هٿ

ڪراچي (م ر د) ڪراچي ايم 9 موٽر وي ٽول پلازه تي چيڪنگ دوران هڪ مسافر بس مان 14 پولڙا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

خانپور مهر ويجهو مسو واهه کي 50 فوٽ گهارو لڳي ويو، ڳوٺاڻن ۾ خوف ڇانئجي ويو

ڳوٺ ناڙي گڏاڻي آر ڊي 7 وٽ گهارو لڳڻ ڪري سوين ايڪڙن تي بيٺل سارين جو فصل تباهه

ڳوٺ ناڙي گڏاڻي، غلام مصطفيٰ گڏاڻي ۽ خدابخش گڏاڻي جي گهرن ۾ داخل ٿيڻ جو خدشو

گهاري سبب وڏو نقصان ٿي ويو آهي واهه جا ڪپر ڪمزور هجڻ ڪري گهارو لڳو آهي: متاثرن جون ڳالهيون

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو مسو واهه کي 50 فوٽ گهارو لڳي ويو، سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل پاڻي هيٺ اچي ويو 3 ڳوٺن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

وڏي تعداد ۾ معززن ۽ سياستدان پيپلز پارٽي ۾ تيزي سان شامل ٿي رهيا آهن: ناصر شاهه

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ادارن واري صوبائي وزير ناصر حسين شاهه چيو آهي ته پيپلز پارٽي جي عوام دوست پاليسين ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو جي ويزن سبب وڏي تعداد ۾ معززن ۽ سياستدان پيپلز پارٽي ۾ تيزي سان شامل ٿي رهيا آهن ۽ ان ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي جڏهن ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

عمران خان سياسي مفاد ۽ سياست لاءِ سائفر استعمال ڪيو: طلال چوڌري

توشه خانو ڪيس مسلسل التوا ۾ آهي، هن چيو ته اسلام آباد کي باهه ڏني وئي

قومي مفاد کي نقصان پهچائڻ واري لاڏلي کان پڇاڻو ناهي ڪيو ويو؟

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) طلال چوڌري چيو آهي ته چيئرمين پي ٽي آءِ سياسي مفاد ۽ سياست لاءِ سائفر کي استعمال ڪيو. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ن ليگ اڳواڻ چيو ته توشه خانو ڪيس مسلسل التوا ۾ آهي، هن چيو ته اسلام آباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

جناح هائوس حملي ۾ جي آءِ ٽي جاچ مڪمل، پي ٽي آءِ چيئرمين ڏوهي قرار

نامزد جوابدارن جي جناح هائوس واقعي ۾ منصوبابندي ۽ عملدرآمد ثابت ٿي ويو: جاچ رپورٽ

جناح هائوس حملو ۽ 9 مئي تي ٿيا واقعا باقاعدي منصوبابندي تحت ڪيا ويا

جاچ دوران ڊجيٽل شاهدين، موبائل وڊيوز، ڪلوز سرڪٽ فوٽيجز، موبائل رابطا ثابت ٿي ويا

لاهور (م ر د) جي آءِ ٽي 9 مئي واقعن جي جاچ مڪمل ڪندي رپورٽ تيار ڪري ورتي، جناح هائوس حملي ڪيس نمبر 23/96 ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين سميت نامزد جوابدارن کي ڏوهي قرار ڏنو ويو، جاچ ۾ چيو ويو آهي ته نامزد جوابدارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

قرآن پاڪ جي بيحرمتي جي مذمت، اهو ڪُڌو عمل آهي: آمريڪا

اسان قرآن پاڪ ۽ ٻين ڪتابن جي اهميت کي ساراهيون ٿا: پرڏيهي کاتي جو ترجمان ميٿيو مِلر

بنيادي جمهوري اصولن کي سپورٽ ڪندا آهيون، نه رڳو پاڪستان پر سڄي دنيا ۾ قانون جي حڪمراني جا حامي آهيون

واشنگٽن (م ر د) آمريڪا چيو آهي ته قرآن پاڪ جي بيحرمتي جي مذمت ڪريون ٿا. اهو ڪُڌو عمل آهي. اسان قرآن پاڪ ۽ ٻين ڪتابن جي اهميت کي ساراهيون ٿا. آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ميٿيو ملر واشنگٽن ۾ پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ اعظم خان نيب وٽ پيش، جاچ ڪميٽي کي تفصيل ٻڌائي ڇڏيائين

نيب اڳوٽي وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري اعظم خان کي 20 جولاءِ تي نوٽيس جاري ڪيو هو

اعظم خان 190 ملين پائونڊ ڪيس جي جاچ جي سلسلي ۾ اڪيلو نيب ۾ پيش ٿيو

اعظم خان پنهنجي بيان ۾ 190 ملين پائونڊ بابت اڳ کان موجود دستاويزن جي تصديق ڪئي: ذريعا

راولپنڊي: اڳوٽي وزيراعظم جو پرنسپل سيڪريٽري اعظم بيان رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ نيب آفيس اچي رهيو آهي

راولپنڊي (م ر د) اڳوٽي وزيراعظم جو پرنسپل سيڪريٽري اعظم سان 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ نيب سامهون پيش ٿي ويو نيب اڳوٽي وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري اعظم خان کي 20 جولاءِ تي نوٽيس جاري ڪيو هو جنهن ۾ ڪيس اڄ صبح 10 وڳي نيب راولپنڊي ۾ پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي. اعظم خان 190 ملين پائونڊ ڪيس جي جاچ جي سلسلي ۾ اڪيلو نيب ۾ پيش ٿيو جتي هن نيب جي گڏيل جاچ ٽيم سامهون بيان رڪارڊ ڪرايو ۽ ٽيم جي سوالن جا جواب ڏنا. ذريعن موجب اعظم خان پنهنجي بيان ۾ 190 ملين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بلوچستان عوامي پارٽي جو ايندڙ عام چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جو فيصلو

بلوچستان عوامي پارٽي جي مرڪزي صدر ۽ بلوچستان جي وڏي وزير مير عبدالقدوس بزنجو جي صدارت هيٺ سينئر قيادت جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ نگران سيٽ اپ جوڙڻ ۽ پارٽي جي تنظيمي معاملن تي به غور ويچار ڪيو ويو

بلوچستان عوامي پارٽي عام چونڊن ۾ ڀرپور نموني حصو وٺندي: اجلاس ۾ فيصلو

ڪوئيٽا (م ر د) بلوچستان عوامي پارٽي ايندڙ عام چونڊن ۾ ڀرپور نموني حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. بلوچستان عوامي پارٽي جي مرڪزي صدر ۽ بلوچستان جي وڏي وزير مير عبدالقدوس بزنجو جي صدارت هيٺ سينئر قيادت جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ چيئرمين سينيٽ صادق سنجراڻي، پارٽي چيف آرگنائيزر ۽ بلوچستان جي صوبائي اسپيڪر ميرجان محمد جمالي ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ دولفن فورس بابت تقريب جو رِبن ڪٽي افتتاح ڪندي

اسلام آباد: وزيراعظم جو ڪوآرڊينيٽر بلال اظهر ڪياني پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ ترقياتي منصوبن جي حوالي سان گڏجاڻي

سنڌ صوبي ۾ ترقياتي منصوبن جي تعميراتي ڪمن جي پيش رفت جو جائزو ورتو ويو

پوري صوبي ۾ جاري منصوبن کي هر صورت ۾ مقرر وقت تي مڪمل ڪيو وڃي: گيانچند ايسراڻي

ڪراچي (رپورٽر) اقليتي معاملن کاتي واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ کاتي جي تحت جاري ترقياتي منصوبن جي حوالي سان منعقد ڪيل جائزي اجلاس کاتي جي ڪميٽي روم ۾ منعقد ٿيل اجلاس ۾ ڪراچي سميت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

آءِ ايم ايف معاهدي جو دستاويز قومي اسيمبلي ۾ پيش

اسان جي ڀرپور ڪوشش آهي ته نائين اليون جو جائزو ورتو وڃي: اسحاق ڊار

آءِ ايم ايف سان معاهدي جا دستاويز قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيا ويا آهن

گذريل حڪومت جي ناقص پاليسين سبب ملڪي معيشت کي مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو

اسلام آباد (م ر د) ناڻي واري وزير اسحاق ڊار آءِ ايم ايف معاهدي جو دستاويز قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ايوان ۾ ڳالهائيندي ناڻي واري وزير اسحاق ڊار جو چوڻ آهي ته اسان جي ڀرپور ڪوشش آهي ته نائين اليون جو جائزو ورتو وڃي، آ. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

نگران سيٽ اپ تي مشاورت لاءِ 5 رڪني ڪميٽي قائم

مسلم ليگ ن جي سينيئر اڳواڻن تي ٻڌل ڪميٽي کي اهم ڪم سونپيو ويو: ذريعا

ڪميٽي ۾ اياز صادق، سعد رفيق، خواجا آصف، احسن اقبال ۽ اسحاق ڊار شامل آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران سيٽ اپ تي مشاورت لاءِ وزيراعظم شهباز شريف مسلم ليگ ن جي 5 رڪني ڳالهين واري ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته مسلم ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

جناح هائوس حملي سميت 5 ڪيسز ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت ۾ واڌ

هشتگردي توڙ عدالت لاهور جي جج عبهر گل جناح هائوس حملي سميت 5 ڪيسز جي ٻڌڻي هلائي

پي ٽي آءِ چيئرمين عبوري ضمانت جو مدو ختم ٿيڻ تي اي ٽي سي آڏو پيش ٿيو

لاهور (م ر د) جناح هائوس تي حملي سميت 5 ڪيسز ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي عبوري ضمانت ۾ 8 آگسٽ تائين واڌ ڪئي وئي آهي. هشتگردي توڙ عدالت لاهور جي جج عبهر گل جناح هائوس حملي سميت 5 ڪيسز جي ٻڌڻي هلائي، پي ٽي آءِ چيئرمين عبوري ضمانت جو مدو ختم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ ترقياتي منصوبن جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي

پشاور: ايف سي جي گاڏي تي آپگهاتي حملي جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي

سهولتڪاري جي الزام ۾ ٽن شڪين کي گرفتار ڪيو ويو آهي: پوليس

سي سي ٽي وي ۽ ٻين شاهدين جي روشني ۾ ڪارروائي عمل ۾ آندي پئي وڃي

آپگهاتي حملي آور پجگي جي علائقي مان گاڏي ۾ سوار ٿيو ۽ مختلف علائقن مان ٿيندو حيات آباد پهتو

پشاور (م ر د) حيات آباد ۾ ايف سي جي گاڏي تي آپگهاتي ڌماڪي جي جاچ ۾ تفصيل سامهون آيا آهن، جڏهن ته سهولتڪاري جي الزام ۾ ٽن شڪين کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس ذريعن موجب حراست ۾ ورتل شڪين کان پڇا ڳاڇا جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڊالر جي جارحاڻي انداز ۾ ڪاروباري هفتي جي پڄاڻي، انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ وڌيڪ مهانگو

ڪراچي (م ر د) انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن به آمريڪي ڊالر جي اڳڀرائي جاري رهي. انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر هڪ رپيو 66 پئسا مهانگو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

آصف زرداري سميت پاڪستان جا امير ترين ماڻهو ۽ انهن جا ڪاروبار

ڪراچي (م ر د) پاڪستان سڄي دنيا ۾ پنهنجي انوکي سڃاڻ رکي ٿو ۽ پاڪستانين مختلف شعبن ۾ پنهنجو نالو ڪمايو آهي. راندين هجن يا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ٽنڊو غلام حيدر ويجهو ڳوٺ رحيم علي چانگ وٽان جاڙڪي شاخ کي 20 فوٽ ڳارو

ڳوٺ رحيم علي چانگ وٽان جاڙڪي شاخ کي 20 فوٽ ڳارو پئجي ويو، فصل تباهه ٿي ويا

آبادگارن عزيزالله چانگ، شمن چانگ، شاهه بيگ چانگ جو سوين ايڪڙ پوکيل ساريالو فصل تباهه

آبپاشي کاتي انتظاميا جي نااهلي سبب عملو وقت سر ڳاري واري هنڌ نه پهچي سگهيو: متاثرين

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ: ميرحسن رند) يوسي نصير خان چانگ ويجهو ڳوٺ رحيم علي چانگ وٽان جاڙڪي شاخ کي 20 فوٽ ڳارو پئجي ويو ڳاري پوڻ سبب مقامي آبادگارن عزيزالله چانگ، شمن چانگ، شاهه بيگ چانگ ۽ ٻين آبادگارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو غلام حيدر: ڳوٺ رحيم علي چانگ وٽان جاڙڪي شاخ کي لڳل ڳاري جو ڏيک

دڙي شهر لڳ ڳوٺ وڏيرو محمد سومار سميجو جو رهواسي پيرسن پاران احتجاج

ٺٽو (ب ر) دڙي شهر لڳ ڳوٺ وڏيرو محمد سومار سميجو جو رهواسي پيرسن محمد سومار سميجو مکلي پهچي صحافين اڳيان داتهيندي چيو آهي ته سندس نوجوان 25 سالا پٽ وسيم سميجو ڪاله ڳهران نڪري پيلو شهر پهچي اتان سوزوڪي وسيلي ٺٽي پهچي اتان پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي، سندس ڳولا ڪندي ٿ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر جي مختلف علائقن مان انسانيت جي جان تي تجربا ڪندڙن خلاف ڪارروايون

عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي جنهن ۾ ڇهن ڪلينڪن سيل ڪري ڇڏيو

ڊائريڪٽر ڊاڪٽر مجاهد حسين، ڊاڪٽر ڪيپٽن جاويد احمد شيخ ۽ ٻين سان گڏ ٿي ڇاپا هنيا

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي مختلف علائقن مان انسانيت جي جان تي تجربا ڪرڻ وارن عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي جنهن ۾ ڇهن ڪلينڪن سيل ڪري ڇڏيو ۽ پنجن عطائي ڊاڪٽرن کي وارننگ ڏني وئي آهي خبر موجب سکر جي سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن ٽيم جي سربراهه ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر مجاهد حسين، ڊاڪٽر ڪيپٽن جاويد احمد شيخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

غوثپور پرسان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل وڪيل مير نورالاهي جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

عابد سندراڻي جي ويجهي عزيز رٽائرڊ استاد وڪيل مير نورالاهي خان سندراڻي جي گرفتاري لاءِ احتجاج

سيد سليم شاهه مير احمد شاهه حبيب رحمان شاهه غلام مصطفا پيري قدرت الله ميراڻي پاران مظاهرو ڪيو ويو

مير نورالاهي خان سندراڻي جي قاتلن کي گرفتار ڪري شهيد جي خون سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين جو مطالبو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور پنج ڏينهن اڳ ڳوٺ راڄ بجاراڻي پرسان انڊس هاءِ وي تي سندراڻي ساوند تڪرار دوران هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل پيپلزپارٽي ايم پي اي غلام مير عابد خان سندراڻي جي ويجهي عزيز رٽائرڊ استاد وڪيل مير نورالاهي خان سندراڻي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مقتول جي وارثن سياسي سماجي توڙي مذهبي جماعتن جي ڪار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

غوثپور: مير نورالاهي سندراڻي جي قاتلن جي گرفتاري ڪيل احتجاج جو ڏيک

ٽنڊو محمد خان مسلم ليگ (ن) منارٽي جي ضلعي صدر نانجي ڪمار پاران واقعي جي مذمت

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان مسلم ليگ (ن) منارٽي جي ضلعي صدر نانجي ڪمار، سنجي داس ۽ امرت ڪمار پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته تازو ٽنڊو محمد خان شهر ۾ ڳاڏو هلائيندڙ پورهيت شام جي قتل واري واقعي تي انسوس جو اظهار ڪندي جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي جي طرف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

بدين ۾ بااثر زميندار طرفان عورت جو لاش دفن ڪرڻ کان روڪڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

لاش دفن ڪرڻ کان روڪڻ خلاف ڪولهي برادري جي ماڻهن پريس ڪلب جي اڳيان احتجاج ڪيو

ٻچل پنهڻ جي رهواسي عورت شانتي ڪولهي انڊس اسپتال بدين ۾ علاج دوران فوت ٿي وئي هئي

قبرستان جي زمين ڪيڙي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جنهن ۾ عزيزن جون ڪيترئي قبرون موجود آهن: وارث

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بااثر زميندار طرفان ڪولهي برادري جي عورت جو لاش دفن ڪرڻ کان روڪڻ جي خلاف ڪولهي برادري جي ماڻهن جو پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڊرٽر بااثر جي خلاف سخت نعري بازي قانوني ڪارروائي جو مطالبو تفصيل موجب بدين پرسان ڳوٺ ٻچل پنهڻ جي رهواسي عورت شانتي ڪولهي جيڪا انڊس اسپتال بدين ۾ علاج دوران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين پاران 35 ڪروڙ 38 لک 34 هزار روپين جو ساليانو بجيٽ پيش

ڪائونسلرن منظوري ڏيئي ڇڏي ساليانو بجيٽ ۾ 24 ڪروڙ 15 لک 9 هزار 106 روپيا مختص ڪيا ويا

چارج وٺڻ کان پوءِ ميونسپل اڪائونٽ ۾ رقم نه هئڻ سبب مشڪل حالتن ۾ بجيٽ پيش ڪئي آهي: صالح قريشي

ڪائونسلرن جي صلاح سان وارڊن جي ترقي لاءِ ڪم ڪندو اجلاس ۾ ڪائونسلرن ۽ ميونسپل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين پير محمد صالح قريشي ميونسپل ڪميٽي بدين جو سال 2023. 2024 جو 35 ڪروڙ 38 لک 34 هزار روپين جو ساليانو بجيٽ پيش ڪري ڇڏيو جنهن جي ميونسپل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بدين: چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين پير محمد صالح قريشي بجيٽ پيش ڪري رهيو آهي

سڪرنڊ شهر ڪيترن ئي مهينن کان ڦورن ۽ لوفرن جي حوالي ٿيل، اختياريون خاموش

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ شهر گذريل ڪيترن ئي مهينن کان ڦورن، چورن ۽ لوفرن جي حوالي روزانو جي بنياد تي وارداتون ٿيڻ لڳيون کو ڏينهن خالي ناهي جو شهري سک جو ساهه کڻي سگهن اڄ به ٽن ٽوفائيو موٽر سائيڪل تي سوار ٽن هٿياربندن سڪرنڊ جي مشهور ڪاروباري شخصيت حاجي نظام الدين منگيو جي فرزند عبدالجبار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

شڪارپور پوليس پاران مقابلي ۾ 04 ڌاڙيل هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي

رستم ٿاڻي جي حد فيضو روڊ ويجهو مرزا واهه وٽ پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو ٿي گذريو

ايس ايس پي جي اڳواڻي ۾ پوليس ڌاڙيلن خلاف ڪامياب ڪارروايون ڪري رهي آهي: عملدار

عبدالحڪيم، عبدالوهاب ولد عبدالستار، علي گوهر عرف علي بهار جتوئي ۽ ٻاگيل مهر شامل

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس پاران مبينا مقابلي ۾ 04 ڌاڙيل هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي، ساٿي فرار ڪيس داخل. شڪارپور پوليس موجب گذريل رات رستم ٿاڻي جي حد فيضو روڊ ويجهو مرزا واهه وٽ پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو ٿيو، 04 ڌاڙيل هٿيارن سميت گرفتار ڪيا ويا. ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ جي اڳواڻي ۾ شڪارپور پوليس ڌاڙيلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان شهر جي مشترڪ ڪالوني جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

مشترڪ ڪالوني جي رهواسين محمد سجاد خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو احتجاجي ڪيو

اسان جو ڀاءُ جاويد علي خاصخيلي گذريل 13 ڏينهن کان پنهنجن ساهرن ويل هو: محمد سجاد خاصخيلي

اسان سندس گهرواري پنهنجن سهرن جي گهر عيد ملڻ ويا پر اجان تائين اسانجو ڀاءُ گهر واپس نه آيو آهي: ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان شهر جي مشترڪ ڪالوني جي رهواسين محمد سجاد خاصخيلي، عبدالسلام خاصخيلي ۽ ٻين پاران سندن ڀاءُ جي گمشدگي خلاف پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته اسانجو ڀاءُ جاويد علي خاصخيلي گذريل 13 ڏينهن کان پنهنجن ساهرن ويل هو جنهن کانپوءِ اسانجو پنهنجي ڀاءُ سان ڪوبه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان: مشترڪ ڪالوني واسي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

پاڪستان بيت المال پاران ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه ۾ آگاهي سيمينار منعقد

سڪرنڊ (رپورٽر) پاڪستان بيت المال پاران ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه ۾ ٿيليسيميا فري پاڪستان جي حوالي سان آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستان بيت المال جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عبداللطيف قائمخاني، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر حافظ محمد رمضان، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسد الله ڏاهري، اس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان ۾ به ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ ايام عزا جي عشري تي عزاداري هلندڙ

عزا جي عشري تي سوڳ جي فضا ڇانئجي وئي هر طرف ياحسين ياحسين جون صدائون بلند ٿي ويون

معصومن جي پڙ ءِ لوهي گيٽ وٽان علم پاڪ ۽ ذوالجناح سان ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو، انتظام تيز ڪيا ويا

شهر جي ننڍن وڏن پڙن تي پهتوجتي عزادارن پاران عزاداري ڪندي ڪربلا جي شهيدن جي ياد کي تازو ڪيو ويو

ٽنڊو محمدخان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ به هر سال وانگر ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ ايام عزا جي عشري تي سوڳ جي فضا ڇانئجي وئي هر طرف ياحسين ياحسين جون صدائون بلند ٿي ويون مجلسن ۽ ماتمي جلوسن جو سلسلو جاري پهرين محرم الحرام جي موقعي ته معصومن جي پڙ ءِ لوهي گيٽ وٽان علم پاڪ ۽ ذوالجناح سان ماتمي جلوس بر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سانگي ٿاڻي جي حد نرج اسٽاپ ويجهو ڳوٺ امير خش ڪلهوڙو تي فائرنگ

آسپاس جي ڳوٺن ۾ معصوم ٻارڙن سميت علائقي واسين ۾ خوف ۽ حراس ڇانئجي ويو

رستي تان گذر ڪندڙ ڳوٺ دڦر جتوئي واسي اعجاز احمد جتوئي به گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو

سلطانپور (رپورٽ) سانگي ٿاڻي جي حد نرج اسٽاپ ويجهو ڳوٺ امير خش ڪلهوڙو تي مهر برادري جي سوين ماڻهن پاران ڪيل ڪاه ۽ زوردار فائرنگ دوران آسپاس جي ڳوٺن ۾ معصوم ٻارڙن سميت علائقي واسين ۾ خوف ۽ حراس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪنڌڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي مان هڪ هفتو اڳ اغوا ٿيل نينگري بازياب نه ٿي

عليشا چنه جي بازيابي لاءِ چنه برادري پاران پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

هڪ هفتو گذري وڃڻ باوجود ڪشمور پوليس اگهور ننڊ ستل آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

ڪنڌڪوٽ (غالب بلوچ) هڪ هفتو اڳ ڪنڌڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي مان نامعلوم موٽرسائيڪل سوارن پاران معصوم عليشا چنه جي بازيابي لاءِ چنه برادري پاران پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪنڌڪوٽ: اغوا ٿي ويل عليشبه چنا جي بازيابي لاءِ ڪيل احتجاج جو ڏيک

بدين ۾ ٻن ڏينهن جي سخت گرمي کان پوءِ هوا سان تيز برسات شروع

بدين شهر جا سمورا روڊ رستا بازارون مڪمل طور تي پاڻي جي هيٺ اچي ويا

شهباز روڊ پراڻي زناني اسپتال سٽي او بي ڊي جي علائقن ۾ بجلي بحال نه ٿي سگهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ ٻن ڏينهن جي سخت گرمي کان پوءِ گذريل رات تيز هوا سان تيز برسات شروع ٿي وئي جيڪا مسلسل ڏيڍ ڪلاڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر شڪارپور روڊ تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

شڪارپور روڊ تي تاج پيٽروليم پمپ وٽ تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ آرائين لڳ جاگير جو رهواسي بخت جتوئي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر شڪارپور روڊ تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو ڊرائيور گرفتار ٽرالر تحويل ۾ ان سلسلي ۾ سکر جي آباد ٿاڻي جي حد سکر شڪارپور روڊ تي تاج پيٽروليم پمپ وٽ تيز رفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بدين ۾ فوتي ڪوٽا تي عمل ڪرڻ لاءِ اي ڊي سي ٽو جي صدارت هيٺ اجلاس

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو وقار احمد ڪلوڙ جي زير صدارت ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي گذري

گڏجاڻي ۾ صحت، تعليم، ايريگيشن ۽ لوڪل گورنمينٽ جي 13 اميدوارن کان انٽرويو ورتا ويا

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) فوتي ڪوٽا تي عمل ڪرڻ لاءِ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو وقار احمد ڪلوڙ جي زير صدارت ڊسٽرڪٽ ريڪيوٽمينٽ ڪميٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين: اي ڊي سي ٽو ڪوٽا پاليل گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

سکر ۾ ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مبينه مقابلو

سکر جي ائرپورٽ ٿاڻي جي پوليس جو بچاءُ بند وٽ ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو

زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان هٿيار ۽ وڏي مقدار ۾ گوليون هٿ

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مبينه مقابلو هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جو دعوا ان سلسلي ۾ ايس ايس پي سکر جي ترجمان موجب ته سکر جي ائرپورٽ ٿاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

خانپور ۾ سوئيڊن حڪومت هڪ دفعو ٻيهر مقدس ڪتاب جي بي حرمتي خلاف احتجاج

اربين مسلمانن جي دل آزاري ڪئي آهي، سنڌ ڌرتي جو امن هٿ وٺي تباهه ڪيو آهي: مظاهرين

پاڪستان حڪومت سيما کي ملڪ آڻي جاچ ڪري، ڌاڙيلن جي سيما جکراڻي تي غيرت جاڳي پئي

خانپور (عتيق ابڙو) سوئيڊن حڪومت هڪ دفعو ٻيهر مقدس ڪتاب جي بي حرمتي ڪري اربين مسلمانن جي دل آزاري ڪئي آهي، سنڌ ڌرتي جو امن هٿ وٺي تباهه ڪيو آهي. ڌاڙيل آزادي سان ماڻهن کي اغوا، ڦر ۽ قتل ڪري وڃن ٿا ./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شڪارپور: پوليس پاران گرفتار ڪيل 4 ڌاڙيل بيٺل آهن

قومي عوامي تحريڪ جي ذيلي تنظيم سنڌي شاگرد تحريڪ شڪارپور جي چونڊ

الڪيشن ۾ ضلعي صدر رضا محمد آگاڻي ۽ نائب صدر عابد تبسم سومرو چونڊيا ويا

چونڊن ۾ نائب صدر عابد تبسم سومرو ۽ جنرل سيڪريٽري محسن علي ڪامياب ٿي ويا

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) قومي عوامي تحريڪ جي ذيلي تنظيم سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي جي چونڊ خانپور ۾ ٿي گذري جتي سخت مقابلي کانپوءِ ضلعي صدر رضا محمد آگاڻي ۽ نائب صدر عابد تبسم سومرو ۽ جنرل سيڪريٽري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

اسان بااثر نه آهيون ۽ نه وري اسان ڪنهن قبرستان تي قبضو ڪيو آهي: نديم پنهور

زمين منهنجي ناني جي ملڪيت هئي ۽ مون ناني کان اها زمين پئسن سان خريد ڪئي

قبرستان لاءِ زمين خريد نٿا ڪريو ته اسان جي سروي زمين تي غير قانوني قبضو نه ڪريو

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي نوجوان وڪيل نديم پنهور پنهنجو وضاحتي بيان ۾ چيو آهي ته اسان ڪوئي بااثر نه آهيون ۽ نه وري اسان ڪنهن قبرستان تي قبضو ڪيو آهي اصل ۾ اها زمين منهنجي ناني جي ملڪيت هئي ۽ مون پنهنجي ناني ک/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

غوثپور ٿاڻي تي نئين آيل ايس ايڇ او امان بخش اڄڻ کي ڌاڙيلن طرفان سلامي

موٽر سائيڪل تي سوار ٻن اڻ ڄاتل هٿياربندن هندو واپارين چوڌري نريش ڪمار کان ڦر

جيتيندر ڪمار جي جنرل اسٽور ۾ گهڙي هٿيارن جي زور تي ڪيش ير غمال بڻائي ڦرلٽ ڪئي وئي

غوثپور (رپورٽر) غوثپور ٿاڻي تي نئين آيل ايس ايڇ او امان بخش اڄڻ کي ڌاڙيلن طرفان سلامي ڏني وئي غوثپور ۾ امن امان جي صورتحال ۾ ڪو سڌارو نه آيو ڏينهن ڏٺي شهر جي مٺڻ شاهي بازار ۾ موٽر سائيڪل تي سوار ٻن اڻ ڄاتل هٿياربند/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

غوثپور: واپاري ڦر واقعي جا تفصيل ميڊيا کي ٻڌائي رهيو آهي

تعلقي ڪلوئي جي ڳوٺ هميرياڻه ۾ پهريون ڀيرو ڳوٺاڻن پاران سولر سمر پمپ وسيلي فصل ڪاري

سولر سمر پمپ وسيلي ٿر جي واريااسي علائقي ۾ زرعي زمين ۾ مرچ، ڦٽي ۽ ڀاڄيون پوکي سٺي اپت کڻڻ لڳا

حڪومت تعاون ڪري، سولر سمر پمپ وسيلي ٿر آباد ٿيندو ته نوجوان روزگار سان لڳندا: سماجي اڳواڻن جون ڳالهيون

پيندبي، ٽماٽا، مهيا ۽ ٻيون ڀاڄيون پوکيون آهن، جن مان ڀاڄين سميت ڦٽي جي سٺي اپت پڻ ملي رهي آهي: عثمان ساهڙ

ننون ڪوٽ (رپورٽر) تعلقي ڪلوئي جي ڳوٺ هميرياڻه ۾ پهريون ڀيرو ڳوٺاڻن پاران وسيلا نه هجڻ باوجود سولر سمر پمپ وسيلي ٿر جي واريااسي علائقي ۾ زرعي زمين ۾ مرچ، ڦٽي ۽ ڀاڄيون پوکي سٺي اپت کڻڻ لڳا. ٿر کي آباد ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ننون ڪوٽ: ڳوٺ هميرياڻه ۾ سولر پمپ وسيلي تيار ڪيل فصل جو ڏيک

ايجوڪيشنل فرينڊس گروپ ٽنڊو محمد خان پاران ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ايجوڪيشنل فرينڊس گروپ ٽنڊو محمد خان پاران ڳوٺ پيٽو ڪولهي ۾ هڪ ڏينهن واري مفت فري ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ ڊاڪٽر محمد رفيق وگهيو مريضن جو مفت چيڪ اپ ڪرڻ سان گڏ دوايون پڻ ڏنيون مفت ميڊيڪل ڪيمپ ۾ آس پاس علائقي جي 300 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

رورل هيلٿ سينٽر ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ پي پي ايڇ آءِ طرفان ڪميونٽي سپورٽ گروپ جي گڏجاڻي

ڪميونٽي جي ميمبرن ۽ ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي پي پي ايڇ آئي جي ڊسٽرڪٽ مينيجر پاران گڏجاڻي ٿي

ڊاڪٽر عرفان حبيب ميڊيڪل آفيسر ليڊي ڊاڪٽر شفق ڊينٽل سرجن ڊاڪٽر ڪامران احمد ايڊمن ۽ ٻيا شريڪ

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) رورل هيلٿ سينٽر ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ پي پي ايڇ آئي طرفان ماهوار ڪميونٽي سپورٽ گروپ ميٽينگ ٿي گذري جنهن ۾ ڪميونٽي جي ميمبرن ۽ ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي پي پي ايڇ آئي جي ڊسٽرڪٽ مينيجر عبدالحفيظ ڀٽي ميڊيڪل سپريڊنٽ ڊاڪٽر زبيدا سمون ڊاڪٽر عرفان حبيب ميڊيڪل آفيسر ليڊي ڊاڪٽر شفق ڊينٽل سرجن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نئون ديرو لڳ سعيدو ديرو ۾ مگنيجا - ڳوپانگ تڪرار ۾ قتل ٿيل 2 ڄڻن جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

قتل ٿيل ٻن نوجوانن امجد ۽ عرفان مگنيجو جا قاتل گرفتار نه ٿيا مقتول نوجوانن جي وارثن مظاهرو ڪيو

مقتول نوجوانن جا خون لوڙهڻ چاهي ٿي جنهن ڪري 9 ڏينهن گذرڻ بعد به جوابدار گرفتار ناهن ڪيا: مظاهرين

جوابدارن کان لکين روپيه رشوت وٺي انهن خلاف ڪنهن جي قسم جي ڪاروائي ناهي ڪئي ۽ کين ڇوٽ ڏئي ڇڏي

نئون ديرو (رپورٽر) نئون ديرو لڳ سعيدو ديرو ۾ مگنيجا - ڳوپانگ تڪرار ۾ قتل ٿيل ٻن نوجوانن امجد ۽ عرفان مگنيجو جا قاتل گرفتار نه ٿيا مقتول نوجوانن جي وارث عورتن پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو آهي مقتول امجد جي امڙ گجر خاتون، زيبل خاتون، گلبانو خاتون، هير خاتون، زهره خاتون ۽ ٻين پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪيو نئون ديرو پوليس اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نئون ديرو: مقتول امجد ۽ عرفان مگنيجو جا وارث انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي عهديدارن تاج جويي پاران قومي اسيمبلي جو بل رد

ٺٽو (ب ر) سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي عهديدارن تاج جويي، آزاد انور، فائز ايوب، خطائي ٽيبي، حسين سارنگ ۽ رمضان ميمڻ پنهنجي گڏيل پريس ٻڌائي ۾ پاڪستان جي قومي اسيمبلي جي ان فيصلي، بل کي رد ڪيو آهي، جنهن موجب پ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جي ميمبرن پاران ڪراچي ڊويزن جي رهواسين لاءِ ڊوم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سلطانپور سانگي ٿاڻي جي حد ۾ مهر ۽ ڪلهوڙا برادري ۾ ناري اغوا ڪرڻ تان 2 ڄڻا قتل

مهر برادري هٿيار بندن ڳوٺ والو ڪلهوڙو تي ڪاهه، پلاند ۾ 3 عورتون اغوا ڪري ورتيون آهن

مزاحمت تي 2 ڄڻا عبدالغفار ۽ غلام مرتضا ڪلهوڙو قتل ۽ 2 ڄڻا زخمي، فائرنگ جو سلسلو هلندڙ

ڪلهوڙا برادري جي نوجوان پاران مهر برادري جي ناري سان پسند جي شادي لاءِ گهران نڪري وڃڻ تي پيش آيو

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور: سانگي ٿاڻي جي حد ۾ مهر ۽ ڪلهوڙا برادري ۾ ناري اغوا ڪرڻ تان خوني تڪرار پڙڪي پيو سلطانپور: مهر برادري جي هٿيار بند ماڻهن پاران ڳوٺ والو ڪلهوڙو تي ڪاهه، پلاند ۾ 3 عورتون اغوا ڪري ويا مزاحمت تي 2 ڄڻا عبدالغفار ۽ غلام مرتضا ڪلهوڙو قتل ۽ 2 ڄڻا زخمي فائرنگ جو سلسلو هلندڙ سلطانپور: ڏرين ۾ هلندڙ زوردار فائرنگ سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ضلع ڪائونسل جو چيئرمين ڪميل حيدر شاهه مقتول واپاري جي وارثن سان تعزيت

ڪميل حيدر شاهه مقتول کي انصاف ڏيارڻ لاءِ وارثن کي هر ممڪن تعاون جي خاطري ڪرائي

ڀاءُ محمد نعمان ۽ مقتول جي ٻين وارثن سان حافظ حماد جي اوچتو وڇوڙي تي ڏک جو اظهار ڪيو

مقتول جي گهرڀاتين لاءِ اوچتو نوجوان حماد جو قتل هڪ وڏو سانحو آهي: ڪميل حيدر شاهه جون ڳالهيون

سکر: (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ضلع ڪائونسل جو چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه مقتول واپاري حماد انصاري جي تڏي تي پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي، مقتول کي انصاف ڏيارڻ لاءِ وارثن کي هر ممڪن تعاون جي خاطري ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر: پ پ اڳواڻ سيد ڪميل شاهه مقتول حماد انصاري جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

مختيار ڪار ويلفيئر ايسوسي ايشن جي وفد سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو سان ملاقات

ڪراچي (رپورٽر) مختيار ڪار ويلفيئر ايسوسي ايشن جي وفد سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ ڪراچي ڊويزن سميت سنڌ جي مختلف شهرن جي مختيارڪارن عبدالعزيز جوڻيجو، عزيز ڀٽي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ عملدارن چيو ته هنن اڄ سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو سان ملاقات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪوهستاني ڊومان مڪان جي ڳوٺ صوفن جاکرو جي رهواسين پاران رياض حسين سان ملاقات

جان محمد جاکرو، قادر بخش جاکرو، ڪوهستاني انور جاکرو، دوست علي، نواز، علي محمد جاکرو ملاقات ڪئي

ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو ۽ ضلعي ڪائونسل ٺٽو جي ميمبر وڏيرو رسول بخش جاکرو سان ملاقات دوران ڳالهيون ڪيون ويون

ڪوهستاني ماڻهون اڪيلا ناهن، جو هو هنن جي ملڪيتن تي قبضا ڪري کين بيدخل ڪري ڇڏين: ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو

ٺٽو (ب ر) يوسي جهمپير جي ڪوهستاني ڊومان مڪان جي ڳوٺ صوفن جاکرو جي ڪيترن ئي متاثر رهواسين جان محمد جاکرو، قادر بخش جاکرو، ڪوهستاني انور جاکرو، دوست علي، نواز، علي محمد جاکرو ۽ ٻين ٺٽي ۾ وزير اعلي سنڌ جي معاون خاص ب ب ب ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي، پ پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو ۽ ضلعي ڪائونسل ٺٽو جي ميمب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ بختيار خان گانگهو جي رهواسي پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ ۾ اسان جي پلاٽ ۾ صاحب اوڏ شدو اوڏ ڪافي ٽائيم کان رهيل آهن: محمد بخش گانگهو

اسان غريب مسڪينن کي ويهڻ جي لاءِ اڃا ڏنو آهي اسان ويهن سالن کان ڳوٺ ۾ رهندڙ آهيون: ڳالهيون

نوٽيس وٺي اپيل ڪجي ٿي ته بااثرن خلاف ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪري بااثرن کي گرفتار ڪيو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ بختيار خان گانگهو جي رهواسي محمد بخش گانگهو چام خان گانگهو اله رکيو گانگهو پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جي ڳوٺ ۾ وڏڻ کان وٺي مختلف ذاتيون جنهن ۾ ڪنٻر هاليپوٽو جنجهڻ سهتا ۽ ٻيون ذاتيون رهنديون اچن ٿيون اسان جي گهرن جي پرسان اسان جي پلاٽ ۾ صاحب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز: ڳوٺ بختيار خان گانگهو واسي احتجاج ڪري رهيا آهن

سيوهڻ شريف ويجهو ڳوٺ سيد حسن شاهه ۾ سيد برادري ۾ تڪرار تان هڪ زخمي

سيوهڻ شريف (رپورٽر) سيوهڻ شريف ويجهو ڳوٺ سيد حسن شاهه ۾ سيد برادري جي زميني تڪرار سبب فائرنگ ۾ پي ٽي آئي اڳواڻ محمد علي شاهه گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي تفصيل موجب فائرنگ دوران گولي لڳڻ سبب پي ٽي آءِ اڳواڻ سيد محمد علي شاهه سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

حيدرآباد جي ڊي آءِ جي پاران ايس ايڇ او زاهد شاهه ۽ پي آر او اي ايس آئي پارس ميمڻ کي ايوارڊ فراهم

پارس ميمڻ کي منشيات تي ڪنٽرول ڪرائڻ ۽ منشيات فروش گرفتار ڪرڻ تي ايوارڊ فراهم ڪيو ويو

سماجي اڳواڻن ۽ شهرين پاران پي آر او پارس ميمڻ ۽ ايس ايڇ او زاهد شاهه کي ايوارڊ ملڻ تي واڌايون ڏنيون

اهڙا آفيسر اسان جي ضلعي جي لاءِ سونهن بڻيل آهن ۽ اهڙا آفيسر نصيب وارن کي ملندا آهن: ساجاهه وند

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ڊي آءِ جي حيدرآباد ڊويزن پاران ٽنڊو محمد خان بي سيڪشن ايس ايڇ او زاهد شاهه ۽ پي آر او اي ايس آئي پارس ميمڻ کي منشيات تي ڪنٽرول ڪرائڻ ۽ منشيات فروش گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪرڻ تي ڊي سي ٽو جي ايوارڊ سان نوازيو ويو ٽنڊو محمد خان جي عوام سميت سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين پاران پي آر او پارس م/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

ڇنڇر 22 جولاءِ 2023ع

ملڪ ۾ بحرانن کي مليل راهداري، اٽي ۽ ڪنڊ جو بحران

پاڪستان بحرانن جي پوئن، بلڪ بحرانن وچهي. هڪ بحران اڃا ختم ئي نه ٿو ٿئي ته اڳ ۾ ئي پهچي، ٻاهران بيٺو هوندو آهي. هاڻي ته ابتدا بحران هڪ ئي وقت ملڪ ۾ ڪافي بيا آهن. جواهو ٿو محسوس ٿئي ته حڪمرانن جنهن ته بحرانن کي راهداري ڏئي ڇڏي آهي. اهڙن بحرانن مان هڪ بحران اٽي ۽ ڪنڊ جو پڻ آهي. جنهن جا آثار پڌرا ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن سنڌ ۾ ته ان بحران کي ڪيئي آهي. چڪي، جو اٽو، جيڪو مهينا ڪن اڳ 140 روپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو هو، ان جي في مڻ اگهه ۾ 1200 روپيا اضافو ٿي چڪو آهي ۽ هن وقت 160 کان 170 روپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي. جڏهن ته سنڌ ۾ ڪنڊ جي اگهه ۾ گذريل پنجن مهينن اندر سيڪڙو واڌ ٿي چڪي آهي ۽ في ڪلو اگهه 80 روپين کان 160 روپين تائين پهچي چڪو آهي. ڪنڊ جي قيمتن ۾ ملڪ گير واڌ جو سبب هلندڙ سال جي فيبروري مهيني کان جون تائين 2 لک 15 هزار 752 ٽن ڪنڊ جو روانگي واپار آهي. ڪا خوراڪ جي شين جي اگهن ۾ ڪٽوتي ته واڌ عالمي مالياتي اداري سان قرض واري معاهدي جي شرطن تي عمل ڪرڻ سبب ٿي آهي. جڏهن ته "ڏاڍي جي ڏاڍ" جو تروڙ ٿي "جي مصداق بي واڌ مقامي مافيائن جي ڏنو جو نتيجو آهي. جيڪا ڪوڏيپ جي ڏو جر آهي. اهي ايڪ جي ڏکين شرطن سبب جيڪي عوام جي اهنج وڌيا آهن. انهن کي گهٽائڻ لاءِ ايترو وڌن ٿو. پر ائين ڪرڻ بدران ڪرپٽ اتحادي حڪومت جي سياسي گهراڻن پاڻ به مفادن جي واهڙ مان ڏنڊ آهن. جنهن جو هڪ ننڍڙو مثال ڪنڊ جي ايڪسپورٽ آهي. ڪهڙين شگر ملون ۽ انهن ٽي سياسي گهراڻن جون آهن. حڪومتي مدي جي آخري مهينن ۾ انهن سوچيو ته وري اقتدار ملي يا نه ملي، ان ڪري انهن وزيراعظم شهباز شريف کي ڊباءُ وجهي ايڪسپورٽ جي اجازت ورتي (ان ۾ شريف فيملي جي به ملز هئا)، پر اها ايڪسپورٽ 15 لک ٽن کان وڌيڪ ڪئي ملڪ مان ڪاڻي وڃي ۽ ريورٽ ٿيل انگن اکرن موجب، پنجن مهينن اندر حڪمران اتحاد جي سياسي گهراڻن جي شگرانڊسٽري 29 ارب 10 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ ناجائز ڪمايو. صرف اهي صنعتڪار سياسي گهراڻا نه، هڪ ٻي وڌيڪ مختلف مافيائون سرگرم آهن. ڪي آهڻدي پاڙيسري ملڪ ڏانهن ڪنڊ ۽ ڪڻڪ اسمگل ڪرڻ ۽ ملوث آهن ته ڪي سرحدي محافظن کي اهي اسمگلر نظر نٿا اچن ته ڪي لابيون ايڪسپورٽ جي اجازت ته ڪنڊ جي ڪاغذي ۽ واڌو جائي ايڪسپورٽ جي اجازت ورتي وڃي ٿي ۽ وڏي مقدار ۾ ڪنڊ اسمگلنگ جي ذريعي ملڪ ۾ ڪوٽ پيدا ٿي وري ڪنڊ اسمگلنگ ڪئي وڃي ٿي. ساڳي صورتحال ڪڻڪ جي آهي. ڪڻڪ جي اسمگلنگ اڳيان بند پڻ آهي. ان سڄي ڀاڱي ۾ هڪ ڪٽ ۽ مالڪي جون صورتحال ۽ خوراڪ کاتي جي هلي اها آهي ته پيري ڪڻڪ جي خريداري جو ٽارگيٽ مڪمل ڪيو ويندو آهي. پهرين ته اها وارداتون ڪرڻ ۽ خريداري مرڪز قائم ڪرڻ ۽ ديرڪري کي سون کي واپاري، ذخيره اندوزي ڪندڙن ۽ اسمگلرن کي ڪڻڪ سستي اگهه تي ڪري ڪنهن لاءِ وٺي ٿا وچ وارا ڪڻي ۽ جڏهن ڪڻڪ خريداري جو سرڪاري ٽارگيٽ پورو نه ٿي سگهندو آهي ته واپارين جي گدامن تي ڇاپا هڻڻ جو ڏيکاءُ ٿي پر ڪنڊ انهن سان وڌيڪ بحران جي سبب ڪونه ٿيو آهي. ان سڄي معاملي جو اهڙو رهيو آهي ته ڪڻڪ جي بحران کي ملن جو ڪٽ ۽ انهن جي ٽيم ۾ به ڪين انهن انتظامي ناڪامين ۽ بدانتظامي سان ٿيو آهي. انهن انتظامي سان ڪنڊ ۾ ڀرتيون آهن. حڪومت انهن کي بحران جي بندوبست ۽ روايتي ملن ٿين. موجوده حڪمران عوام جي اهڃ جي وچ سير ۽ ڇڏي، ڪنهن ۽ ٻئي جي پلاڻ وقت آهي. جنهن ۾ انهن جي الوداعي تقريبون منعقد ڪري رهيا آهن. ان اميد سان ته، "پيهار به ملنداسين، تيهار به ملنداسين". ۽ انهن ٻن هفتن ڪانپوءِ ان اختيارن جي ساگر ۾ نگرانن جي ناوَ هلندي ۽ عوام کي ان بحران سميت ٻين بحرانن کي ڀوڳڻ لاءِ ڇڏيو ويندو. جيڪي عوام ڏانهن جوابده آهن. انهن ئي عوام لاءِ ڪجهه نه ڪيو، باقي نگران ته وري انهن جا ئي مقرر ڪيل سنڌن ٿي "ڏن_ پرو" راڄا هوندا. عوام سيني پاسي سورڻ ۾

ڪربلا واري سانحي جا شاعر ۽ اڄو ڪي ڏينهن

خواجا ذوالفقار

مديني کان روانو ٿيل حسيني قافلو جيڪو 2 محرم تي انهيءَ ماڳ تي پهتو هو، جتي هاڻي سڄي دنيا جا لکين زائرين امام عالي مقام کي هنن ئي ڏهاڙن ۾ شهيدن جي مزارن کي چنبڙي امام حسين ع، حضرت غازي عباس ع ۽ ٻين شهيدن کي شهزادي علي اڪبر ۽ معصوم شهزادي علي اصغر توڙي شهزادي علي قاسم، عون و محمد، ۽ ڪوفي جي شهيدن حضرت مسلم بن عقيل ۽ ڪربلا واري سانحي کان اڳ حضرت عباس علمدار ع جي پاٽيجن حضرت مسلم بن عقيل جي جوڙيءَ جي شهادتن تي ڪربلا اندر ٻن شهيدن جي مزارن حضرت امام حسين ع ۽ حضرت عباس علمدار ع جي مزارن تي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آيل زائرين ۽ عزادارن جي چهلم تائين ۽ ان کان پوءِ به سڄو سال رش رهندي آهي ۽ اهڙا منظر نظر ايندا آهن. ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڪربلا وارو سانحو جڻ اڄ ئي ٿيو هجي. ساڳي پيهه ته شام جي مسافره بيبي زينب سلام عليها جي مزار تي به هوندي آهي. جيڪڏهن عزاداران امام..... ڪجهه گهڙين لاءِ صدين جو سفر ڪندا مون سان گڏ ڪربلا هلو ته... توهان کي اڄ کان 1384 سال اڳ ڪربلا جي ميدان جي صورتحال کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي، هوءَ سامهون فرات ندي آهي. جنهن تي حر ابن يزيد رياحي جي فوج جا خيما لڳل آهن ۽ هو پريان آهن. ڪربلا جي مسافرن جا خيما جتي ٻئي طرف کان اصحاب حسين ع جا ڪجهه فاصلي تي خيما موجود آهن ۽ هيڏانهن ڪوفي ۽ دمشق کان يزيدي فوجون گڏ ٿي رهيون آهن ۽ عمر ابن سعد 6 هزار لشڪر سان گڏ اچو ڪي ڏينهن ڪوفي کان هلندو 3 محرم واري ڏينهن اچي ڪربلا پهتو آهي ۽ پاڻ سان گڏ حاڪم شام جو امام حسين ع لاءِ خط به کڻي آيو آهي، جنهن ۾ يزيد لکيو آهي ته "اِي حسين ع ابن علي ع. جيڪڏهن منهنجي بعيت نه ٿو ڪرين ته جنگ لاءِ تيار ٿي وڃ".

لالچ انسان کي ڪيئن نه انڌين جي ڍبڻ ۾ ڌڪي ٿي ڇڏي، عمر ابن سعد، جيڪو رسول خدا جي اصحابيءَ سعد بن وقاص جو پٽ آهي، جيڪو قرآن پاڪ سان گڏ 6 هزار حديثن جو به حافظ آهي، ليڪن فرزند رسول جي لشڪر ڏانهن پهريون تير اڇلائڻ وارو اِهو بدبخت عمر ابن سعد ئي ته هيو، جنهن 10 محرم جي صبح جو سوير امام عالي مقام ع جي لشڪر ڏانهن پهريون تير اڇلايو هو. اهو ئي سبب آهي ته هند ۽ سنڌ جي شاعرن ڪربلا واري سانحي تي پنهنجي شاعري اندر جيڪو درد سمايو آهي، ان ۾ فقط مسلم نه پر غير مسلم شاعرن به ڪيڏو نه ڪمال ڪيو آهي. مون کي ننڍي ڪنڊ جي شاعر چنو لال جنهن شام غريبان جي گهڙين کي انتهائي ڏکاري انداز ۾ لکيو هو. "جب گهبرائي گي زينب" چنو لال دلگير دهلويءَ سميت هندي ٻوليءَ جي جڳ مشهور شاعره روپ ڪماري ديوي هن طرح ڪربلا جي شهيدن کي عقيدت جا گل پيش ڪيا آهن.

يون چاند محمد ڪا، نه ڏوکي سي ماراجاتا
نه بازو قلم هوتي عباس ڪي، اور نا پاني بند هوتا
گنگا ڪي ڪناري، غازي ڪا علم هوتا
هم پوجا ڪرتي اُس علم ڪي صبح و شام
هندي باشا ۾ حسين ع ڪو ڀڳوان پڪارا جاتا

هاڻي هند کان پوءِ سنڌ طرف ٿا اچون ته شاعرن جو سرتاج شاه عبداللطيف ڀٽائي ڪراڙ ڏنڊ تي شهيدن جي غم ۾ لڙڪ لاڙيندي نظر ٿو اچي ۽ چوي ٿو ته:

سختي، شهادت جي نسورو ئي ناز
رند پروڙين راز، قضئي ڪربلا جو

شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سر ڪيڏاري جو اکر اکر عقيدت، لفظ لفظ ڪربلا واري ويڙهه جو عڪس آهي،

ڪربلا جي پڙ ۾ خيما ڪوڙيائون
منهن نه موڙيائون، پسي تاءُ ترار جو

سيوهڻ جي سرزمين تي ستل سنڌي مرثئي جي شاناٿي شاعر سيد ثابت علي شاه ڪربلا جي سانحي بابت آسمان کان سوال پڇندي هن طرح اظهار ڪيو آهي.

ڪربلا جي قتل جي ڪرڪا خبر اي آسمان
ڪيئن ڏنئي نيزن چڙهيا، شاهن جا سر اي آسمان

سيد ثابت علي شاه کان ويندي هن وقت تائين اردو جي ٻن عزادار شاعرن جو ذڪر تمام گهڻو ٿيندو آهي، جن ۾ مرزا دبير ۽ ميرانيس ڪربلا ديار جو هن طرح نقشو چٽيو آهي

يه نهر القمه هي، يه هي ڪربلا ڪا بن
آئي اِسي شوق ۾، هم چوڙ ڪر وطن

ڪربلا جو سانحو هر دور جي يزيد کان سوال ٿو ڪري ته آخر ڪهڙي ڏوهه ۾ محسن انسانيت کي ٽن ڏينهن جو اُڃارو ڪري شهيد ڪيو ويو؟ ڪربلا جي امير شهنشاه شبير اسلام خاطر پنهنجو رت ۽ ست ڏئي اهڙو بهادري ۽ شجاعت جو ڪردار ادا ڪيو، جنهن جو ڪٿي به مثال نٿو ملي ۽ جنهن لاءِ سنڌ جي شاعر اهلبيت امداد حسينيءَ هن طرح اظهار ڪيو آهي.

پڙ ۾ پرزا ٿيڻ ابن عليءَ کان ڪو سکي
رڻ ۾ لاٿون لهڻ، ابن عليءَ کان ڪو سکي
سر ڏئي سرهو ٿيڻ، ابن عليءَ کان ڪو سکي

هي سنڌ ۽ هند جي عزادار شاعرن جيڪي عقيدت جا گل پيش ڪيا آهن. انهن ۾ مخدوم طالب المولي' جيڪو مرثين جو ڪتاب لکيو هو. شان حسين. ان ۾ عقيدت جو اظهار ڪندي لکيو آهي ته

اميد آهي ته روز حشر هوندو طالب المولي'
محمد مصطفي' ۽ حيدر ڪرار جي وچ ۾

ان کان سواءِ سرائڪي ۽ پنجابي شاعرن جي هڪ ڊگهي قطار آهي، جن پنهنجن پرسوز نوحن ۽ مرثين ذريعي ڪربلا جي شهيدن لاءِ عقيدت جا گل پيش ڪيا آهن. ڪوٽڏيجي وارو سيد محمد علي شاه جوهر جنهن جا نوحه ڪيترن ئي سالن تائين سنڌ جي ماتمي جلوسن ۾ گونجندا رهيا آهن.

ٿڄ پيندي ڪون تيرنه لڳدي، لاشان تي گهوڙي نا پڇدي
ڏپ تي پهڻ رُباب ڏکي دا، اهو ته درد روويندا هي

عزيزو...!! آگاهه هجو ته اڄ ڪربلا جي ڌرتيءَ تي هي جو 3 محرم جو سج هاڻي آهستي آهستي پنهنجي منزل ڏانهن وڌندو ٿو رهي، سپاٽي تائين وڌيڪ 8 هزار فوجين جو لشڪر وٺي سنان بن انس، نصر بن خرشه ڪربلا پهچي ويندو ۽ ڪربلا جي هن ننڍڙي لشڪر جو گهيراءُ ڪرڻ لاءِ.. بس دشت ماريه جون حالتون تيزيءَ سان تبديل ٿينديون پيون وڃن، پر لشڪر شبيريءَ جو حوصلو ته ڏسو، يزيدي لشڪر تي سندن اک ئي نٿي پڏي، ان لاءِ ته جنگ صفين جو هيرو حضرت عباس علمدار ع جو سندن وچ ۾ موجود آهي، ليڪن عزادارانِ امام ....هن عليءَ جي شير کي ڪربلا ۾ ويڙهه جي اجازت ئي نه ملي، جنهن ڪري ميرانيس حضرت عباس ع جي شهادت تي هن طرح اظهار ڪيو هو.

هم صبر ڪي دريا هين، همين پياس نهين هي
اب زهر يه پاني هي، هماري پاس جو عباس نهين هي.

*****

صوفِي لاڪوفِي، ڪوڻ پانئيس ڪيڻ:
منجهيان ئِي مَنجِه وڙهي، پڌر ناهِس پيُرُ؛
جنين ساڻس وير، تئي تنين جو واهَرُو.

سياست جون ٻه ڌارائون

سارنگ امر

سياست جون ڪل ٻه ڌارائون آهن. هڪ مٿئين طبقي جي، ٻي هيٺئين طبقي واري. ظاهر ۾ پارٽين، تنظيمن، گروپن، ڌڙن جو هڪ لشڪر آهي پر حقيقت ۾ جيڪي سياسي اسٽيج تي يا سطح تي آهن، سي مايا، فريب، دوکي فراڊ، ليڊرن جو مفاد، جيڪي ٻه ٽانءِ ڏيون.

سرمائيدارن جي سياست جون ٻه ٻه شاخون آهن. هڪ ليگي سياست ۽ ٻي عوامي قسم جي سياست. ليگي سياست ۾ مسلم ليگ نالي سان سڀ پارٽيون، جي ڊي اي، جماعت اسلامي، ايم ڪيو ايم، قومپرست ۽ پي ٽي آءِ شامل آهن. عوامي انداز جي سياست ۾ پ پ، جي يو آءِ ۽ اي اين پي. سنڌ ۾ پ پ ۽ جي يو آءِ کي ڇڏي ڪري ڏسجي ته سياسي ميدان ۾ جهالت يعني انڌه جو راڄ آهي. هتي ترقي پسند به پاڻ کي قومپرست چون ۽ قومپرست پاليسي تي هلن ٿا. هتي ترقي پسندن سميت سڀني قومپرستيءَ کي هڪ عقيدو بڻايو آهي ۽ سڀ ان جي پاڇي ۾ آهن. عوام طرف نه ٿا اچن ۽ پنهنجي سڃاڻپ به ڏنڏلي رکي اٿن. انهيءَ ڏنڏلاڻپ جي سڀ کان وڏي نشاني اهڙن ماڻهن جو صوفيت جو پونگ ڪرڻ آهي. صوفي گمنام رهندا آهن. ميڊيا ۾ ڇا ڪڏهن نياز بروهيءَ جو نالو آيو؟ جاڻ چن جو نانءُ به شايد ڪنهن ٻڌو هجي. ٻڌو هوندو ته به شايد سندس شاعريءَ جي ڪري.

سنڌ ۾ شاعر عجيب خلق آهن. عجيب کان وڌيڪ اهي ويچارا آهن. اهڙن جي شاعريءَ جا ڪتاب يا البم ٿا اچن، جن کي شاعريءَ جي 'شين' جي به خبر ناهي. ڪاپي ڪيل ڌنن تي گاسليٽي راڳ. پر شايد 99 سيڪڙو شاعر ڪنهن رسالي ۾ به شاعري ڇپائي نه ٿا سگهن. گهڻن حسابن ۾ شاعرئي صوفين سان ويجها آهن يا شاعرن مان ڪي صوفي آهن. بهرحال اسٽيج تي صوفيت پونگ آهي.

"سياست دوکو آهي". اهو عام ماڻهو چوندا آهن. اهي سندن جذبا ڳالهائيندا آهن. عام ماڻهن جي به هڪ سياست آهي، اها جڏهن تروار ٿي سطح تي اچي وڃي ته ڇا ٿيندو! اهو احساس ڪجهه ڪجهه عوام جي دشمنن کي به آهي. عام ماڻهوءَ جو گهٽ ۾ گهٽ هن دور ۾ سياست سان رشتو ايئن آهي، جيئن جهنڊي ۽ ڏنڊي جو گل ۽ ڪنڊي جو اڪ ۽ نظر جو، جسم ۽ روح جو، خواب ۽ تعبير جو. سڀي سياست لاءِ سنا خواب ۽ تعبير لاءِ جدوجهد ضروري آهي. عام ماڻهو الزام ڏئي سگهن ٿا، مخالفن جي اٽڪلن جو شڪار ٿيندا آهن پر وقت اچڻ تي اهي ظالمن جي وچايل چار کي سمجهي ويندا. يقينن سرمائيدارن جي سياست دوکو آهي. عبيدالله سنڌيءَ چواڻي: "مسلمانن ۾ زوال جو سبب عبادتن جي ڪمي نه پر معاملن ۾ دوکيبازي آهي". ٻين لفظن ۾ سياست ۾ دوکيبازي نه هوندي ته زوال نه ٿيندو.

سوويت فيشن واري دور بعد جيئن نه نشانبر رڳو اهائي دوکيبازيءَ واري سياست آهي. تنهن ڪري عام سنڌي ماڻهو چوندا آهن: "سياست نڱيءَ جو ناهه آهي". پر اهو ايئن ئي آهي. جيئن اهي چون، صحافي پٽي خور آهن. واپاري ملاوٽي. پوليس وارا ڀوتارن جا نوڪر ۽ ڪامورا ڪرپٽ آهن. ڪو صحافي، واپاري وغيره چڱوٽي سگهي ٿو سو سياست به چڱي ٿي سگهي ٿي پر پورهيت طبقي جي. ماضيءَ ۾ به چڱي ڀلي سياست هئي. البته ويجهي ماضيءَ ۾ هيٺين سطح تي سياست شاهوڪار هئي. عوامي قسم جي به ته ڪاٻي ڌر جي به. غريب ڪارڪن هاڻي ليڊرن مان ڪا اميد نه ٿو رکي. ڪاٻي ڌر ۾ اڪثر هيٺ آهي ته معذور سياست ۾ موالي قيادت پنهنجي همه مشربن سان پارٽي پارٽي راند کيڏي ٿي. ان جو مثال بقول ڀٽائي:

اڳي ايئن هياس، جو پنهونءَ ڏوٽم ڪپڙا،
هاڻي ايئن ٿياس، جو جت نه نينم پاڻ سين.

جت چڙهي سڃائي تي نه ڪڙهه تي ڪير پياري. اسان وٽ سڃائيءَ جو سج تي ڪوڏو ڪال ناهي. ڪال رڳو اعلي' مقصد واري احساس جو آهي. عوام جي اشوز کي اوليت جو مسئلو آهي. نان اشوز تي سياست معمول آهي. مطلب نه بهاني بهاني سان عوام جي مسئلن کي پٺيءَ پويان اڇلائڻ.

1968ع واري عوامي انقلاب کي پ پ جيتريڪ ڪرسيءَ لاءِ استعمال ڪيو. ان هوندي ملڪ جي تاريخ ۾ اها اڪيلي پارٽي هئي، جنهن عملي طور ائي، لٽي اجهي لاءِ ڪجهه ڪيو. صنعتون قومي تحويل ۾ ورتيون ويون، زرعي سڌارا ڪيا ويا. اهي بيو پيرو ڪيل زرعي سڌارا هئا، جنهن بعد جاگيرداري لوڻ پاڻي ٿي وئي. عام ماڻهو زميندار کي جاگيردار چون. انهن تي ڪهڙي ميار پر پڙهيل ۽ خاص طور سياسي ماڻهو ان رمز کي نه سمجهندو ته ان جا اڻ ولندڙ نتيجا نڪري سگهن ٿا. جاگيرداري هڪ پاڇو آهي، جيڪو هڻ هڻ نه وڃي ٿي نه. ملڪ ۾ پيداواري طريقو mode of production ۽ هر نشاني سرمائيداريءَ واري آهي. ملڪ جا حڪمران يعني وڏا واپاري، وڏا صنعتڪار، وڏا ڪامورا ۽ وڏا زميندار سڀ سرمائيدار آهن.

ٻاهه وسائڻ جي عمل ۾ حصو وٺي رهيا آهن جڏهن ته هيل تائين ٻيلن ۾ لڳڻ ٻاهه کي وسائڻ جي ڪوشش ۾ ٽي ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن. ميڊيا رپورٽن موجب ٻاهه وسائڻ لاءِ ويل هيلي ڪاپٽر اتر اولهه صوبي ۾ البرٽا ۾ هيڪ ڍنڍ وٽ حادثي جو شڪار ٿي ويو جنهن ۾ هيلي ڪاپٽر تباهه ٿيڻ سبب پائلٽ فوت ٿي ويو. پوليس جو چوڻ هو ته علائقي ۾ موجود ريسڪيو ٽيم پائلٽ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ ڪاميابي نه ملي سگهي ۽ 41 ورهين جو پائلٽ فوت ٿي ويو ٽرانسپورٽيشن سيفٽي بورڊ جي ترجمان جو چوڻ هو ته ٻن جاچ آفيسرن کي هيلي ڪاپٽر واري هنڌ موڪليو ويو آهي.

آهي جيڪو اسان رياست ۽ سنڌ حڪومت کان زمينون وٺي اوهان ماڻهن کي ڏئي رهيا آهيون.

بقايا 33 ***

مظاهرو ڪندي 3 ٽائٽلز جڏهن ته ايس ايس يو جي هڪ ٻئي ڪمانڊو انتظار علي تازو ٿي مسٽر حيدرآباد ڊويزن جو ٽائٽل پنهنجي نالي ڪيو ڊي آءِ جي سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن ڊاڪٽر مقصود احمد ڪمانڊو کي سندن ڪاميابي تي مبارڪون ڏنيون ۽ ڪمانڊو احمد صديقي کي 1 لک رپيا ۽ ڪمانڊو انتظار علي کي 50 هزار روپيا ڪيش انعام ڏنو ويو ايس ايس يو ڪمانڊو احمد صديقي مسٽر بيچ فزيڪ 2023، مسٽر ايٿليٽڪ سينٽرل 2023 ۽ مسٽر اوپن ڪراچي 2023 جا ٽائٽلز پنهنجي نالي ڪيا. ايونٽ ۾ 6 ڪيٽيگريز ۾ آرمي ۽ اي ايس ايف جي اهلڪارن سميت 90 کان وڌيڪ باڊي بلڊرز شرڪت ڪئي.

بقايا 34 ***

ڏانهن پاڻي وڌڻ ڪري ڳوٺاڻن ۾ خوف ڇانئجي ويو. خبر موجب خانپور مهر ويجهو مسو واهه کي ڳوٺ ٽاڙي ڳڏاڻي آر ڊي 7 وٽ گهارو لڳڻ ڪري سوين ايڪڙن تي ٻيلل سارين ۽ ووٽڻن جو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو جڏهن ته گهاري سبب ڳوٺ ٽاڙي ڳڏاڻي، غلام مصطفي' ڳڏاڻي ۽ خدابخش ڳڏاڻي جي گهرن ۾ داخل ٿيڻ ڪري ڳوٺاڻن ۾ خوف ڇانئجي ويو. پاڻي جي تيز وهڪري ڀرپاسي ۾ سوين ايڪڙن تي پوکيل سارياڻي ۽ ووٽڻن جي فصل کي به لوڙهي ڇڏيو. هوڙانهن اطلاع باوجود آبپاشي عملو بروقت نه پهتو. ڪيترن ئي ڪلاڪن بعد ڳوٺاڻن ڪرين مشين ۽ ٽريڪٽر ڪاهي گهاري واري هنڌ پهتا جنهن بعد ڳوٺاڻن مسلسل ٽن ڪلاڪن جي ڪوشش بعد گهارو بند ڪري ورتو. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته گهاري سبب وڏو نقصان ٿي ويو آهي واهه جا ڪپر ڪمزور هجڻ ڪري گهارو لڳو آهي. واهه جا ڪپر مضبوط ڪرائي ڏنا وڃن ۽ ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي.

بقايا 35 ***

فائرنگ دوران آسپاس جي ڳوٺن ۾ معصوم ٻارڙن سميت علائقي واسين ۾ خوف ۽ حراس ڇانئجي ويو، هڪ ڪلاڪ تائين هلندڙ فائرنگ دوران رستي تان گذر ڪندڙ ڳوٺ دفر جتوئي واسي اعجاز احمد جتوئي به گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جنهن کي وارثن فون تي رابطي ڪرڻ بعد فوري طور پهچي تعلقه اسپتال پنوعاقل پهچايو

بقايا 36 ***

ٺٽونڪوٽ جي تعاون سان ساليانى مجلس عزا منعقد ڪئي وئي جنهن کي علامه اعجاز احمد محسني خطاب ڪيو هن پنهنجي خطاب ۾ حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ساٿين جي ڏنل لازوال قربانين تي روشني وڌي هن چيو ته ڪربلا جي ميدان ۾ ڏنل لازوال قربانيون اڄ جي انسان لاءِ نمونه عمل آهن جنهن بعد محمد اسحاق ڪنڀار جي رهائش گاه تان علم عباس ۽ ذوالجناح ۽ جلوس برآمد ٿيو جنهن ۾ ملڪ جي مشهور ۽ معروف انجمن حيدرقرار صاحب بياز سيد غلام مهدي شاه نواح خواني ۽ سينه زني ڪئي. ۽ ان سان گڏ ٻين مختلف انجمنن نواح خواني ۽ سينه زني پڻ ڪئي جلوس پنهنجي مقرر رستن تان ٿيندو مرڪزي الحسيني امام بارگاه تي اختتام پذير ٿيو ۽ جتي نياز امام تقسيم ڪيو ويو.

بقايا 37 ***

سرحد جي سينيئر صحافي ۽ پريس ڪلب سرحد جي سرپرست اعلي' حاڪم خان ابڙو مٺان ٻائي پاس پرسان ڀهوڙ برادري جي ماڻهن قادربخش ڀهوڙ، مُعين ڀهوڙ، جي اڳواڻي ۾ حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ هو زخمي ٿي پيو، اطلاع تي مقامي صحافي وڏي انگ ۾ پهچي ويا جن حاڪم خان ابڙو کي سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو جڏهن ته سرحد پوليس هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي، هوڏانهن صحافين عبدالحئي ساوند، سرحد پريس ڪلب جي صدر راڻا راحت حسين، عطاءِ حسين سومرو، حاجي محمد مهر، عبدالحميد ابڙو، بابرمهر، سردار ابڙو، ۽ ٻين صحافي حاڪم خان ابڙو مٿان حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي جوابدارن خلاف ڪاروائي جو مطالبو ڪيو آهي

*****

بقايا 30 ***

هڙتال ٻن ڏينهن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي. ڳالهين ڪانپوءِ پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته ٻن ڏينهن ڪانپوءِ وري ڳالهين جو امڪان آهي. ياد رهي ته مصدق ملڪ پيٽروليم ڊيلرز سان ڳالهين لاءِ ڪراچي آيو هو پيٽروليم ڊيلرز منافعي جي شرح جي معاملي تي سياٽي کان سڄي ملڪ ۾ هڙتال جو اعلان ڪيو هو جنهن سان پيٽروليم شين جي ڪوٽ جو خدشو پيدا ٿي ويو هو.

بقايا 31 ***

کي ڪراچي زو انتظاميا حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. پوليس پاران هٽ ڪيل 14 پولڙن مان هڪ پولڙو وڻ تي چڙهي ويو. وائلڊ لائيف کاتي جي ٽيم پاران پولڙي کي وڻ تان هيٺ لاهڻ جون ڪوششون تيز ڪيون ويون آهن

بقايا 32 ***

درست ڪيو ويندو، پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان کي سنڌ صوبي ۾ 20 لک گهر ناهڻا آهن. جنهن ۾ وقت ضرور لڳندو. پر مان واعدو ڪيان ٿو ته ٻوڏ ۾ جنهن به گهر کي نقصان پهتو ته ان جي نه رڳو مالي مدد ڪئي ويندي پر گهرن جا مالڪ حق پڻ ڏنا ويندا. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هن صوبي مان انقلاب جي شروعات ٿي رهي آهي. هن وقت سڄي ملڪ ۾ مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي مسئلا آهن ۽ پيپلزپارٽي جي نظر ۾ ان جو واحد حل عام ماڻهو آهي. غريبن جي مدد ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته جيڪڏهن اسان پاڪستان جي عام ماڻهو کي معاشي طور تي مضبوط بڻائينداسين ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ملڪ کي به پنهنجي پيرن تي بيهارينداسين. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ٻوڏ سبب اسان جو تاريخي نقصان ٿيو پر جڏهن اسان جي پيپلز هائوسنگ اسڪيم جو ڪم مڪمل ٿيندو ته اوهان جي مالي حالت ٻوڏ کان اڳ جي ڀيٽ ۾ بهتر ٿي ويندي. جيڪڏهن مستقبل ۾ به اهڙي ٻوڏ آئي ته توهان جي گهر کي نقصان نه پهچندو جو ته اهي گهر اهڙي طرح ٺهيل آهن ته اهي ٻوڏ ۾ خراب نه ٿين هن چيو ته جن وٽ پنهنجو گهر آهي ۽ مالڪي جا حق نه آهن اهي غير يقيني واري صورتحال ۾ رهن ٿا. انهن کي خبر ناهي ته اهو وقت ڪڏهن ايندو جڏهن انهن کان سندن گهر کسجي ويندو هاڻي اسان توکي پنهنجي گهر جو مالڪ بڻايو آهي. زمينون ڏنيون آهن. توکي گهر جون عورتون سڏيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان کي شهيد بينظير ڀٽو ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سيکاريو آهي ته جڏهن توهان عورتن کي معاشي طور تي مضبوط ڪيو ته توهان ايندڙ نسل سميت سڄي خاندان کي مضبوط ڪيو هن چيو ته جيڪڏهن اهڙي صورتحال آهي جتي توهان ڪاروبار ڪرڻ چاهيو ٿا يا قرض وٺڻ چاهيو ٿا ته توهان وٽ اهڙو اثاثو آهي ته توهان بينڪ کان قرض وٺڻ لاءِ ڇٽي سگهو ٿا. پرڏيهي وزير چيو ته پيپلزپارٽي حادثي جي موقعي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اسان جي ڪوشش آهي ته سڄي سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن کي نه رڳو گهر تعمير ڪرايون پر انهن کي سندن مالڪي جا حق به ڏيون ۽ ڪين معاشي طور تي مضبوط بڻايون جنهن سان پاڪستان ۽ سنڌ جي معيشت کي فائدو ٿيندو هن چيو ته اسان شهيد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي نظريي کي سنڌ جي هر ضلعي ۾ وٺي ويندا سين ۽ اليڪشن پري ناهي. اهڙا منصوبا بلوچستان، خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب جي عوام لاءِ ڪنيا ويندا. پيپلزپارٽي جي چيئرمين چيو ته ٻيون پارٽيون اميرن کي امير بڻائينديون آهن پر پيپلز پارٽي انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي غريبن کي مالي استحڪام فراهم ڪري رهي آهي. هن چيو ته اڄ ماڻهن کي شايد احساس نه هجي پر اسان جيڪو منصوبو ڏنو آهي اهو اثاثن جي منتقلي جو

بقايا 23 ***

ڪئي. اجلاس ۾ نگران سيٽ اپ جوڙڻ ۽ پارٽي جي تنظيمي معاملن تي به غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته بلوچستان عوامي پارٽي عام چونڊن ۾ ڀرپور نموني حصو وٺندي. ٽڪيٽن جي ورڇ لاءِ جلد پارلياماني بورڊ قائم ڪيو ويندو. اجلاس ۾ پارلياماني بورڊ جي قيام سميت ٻين پارٽي معاملن جو جائزو وٺڻ لاءِ 26 جولاءِ تي ڪوئيٽا ۾ پارٽي اجلاس منعقد ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو.

بقايا 24 ***

چيف ميٽرولاجسٽ سردار سرفراز چيو ته 23 ۽ 24 جولاءِ تي سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ تيز برسات جو امڪان آهي ۽ اهو اسپيل 25 کان 26 جولاءِ تائين وقفي وقفي سان جاري رهي سگهي ٿو هن چيو ته اميد آهي ته هي اسپيل ۾ ڪراچي ۾ سٺي برسات ٿيندي. جڏهن ته عاشوري ڏهاڙي تي برسات جو امڪان ناهي.

بقايا 25 ***

شارق احمد، ايگزيڪيوٽو انجينئر، ريجنل اسسٽنٽ انجينئرز ۽ سمورن لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اقليتي ڪاتي جي سيڪريٽري شارق احمد ڪاتي جي تحت جاري منصوبن جي باري ۾ بريفنگ ڏني ۽ ڪراچي سميت ضلعي حيدرآباد، ميرپورخاص، ٿرپارڪر، عمرڪوٽ ۽ ٻين ضلعن ۾ جاري منصوبن جي پيش رفت کان شرڪت ڪندڙن کي آگاهه ڪيو جڏهن ته لاڳاپيل سب انجنيئرز منصوبن جي باري ۾ تفصيلي معلومات فراهم ڪئي. ان موقعي تي صوبائي وزير واضح هدايتون جاري ڪندي چيو ته پوري صوبي ۾ جاري منصوبن کي هر صورت ۾ مقرر وقت تي مڪمل ڪيو وڃي ۽ ايندڙ هفتي گهرايل اجلاس ۾ ان جي رپورٽ پيش ڪئي وڃي ته جيئن انهن منصوبن مان عوام فائدو حاصل ڪري سگهي. ان سلسلي ۾ ڪنهن قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته اقليتي معاملن ڪاتي جي تحت هر سال ترقياتي اسڪيمن ۽ فلاحي اسڪيمن لاءِ وڏي رقم رکي ويندي آهي جنهن مان عبادتگاهن لاءِ اسڪيمون، غريب شاگردن لاءِ اسڪالرشپ، ڏاج، طبي امداد، قدرتي آفتن جي متاثرن لاءِ امداد شامل آهن هن ڪاتي جي آفيسرن سان مخاطب ٿيندي چيو ته بحيثيت سرڪاري آفيسر طور توهان ماڻهن جو فرض آهي توهان پنهنجا فرض مڪمل ايمانداري ۽ محنت سان انجام ڏيو ته جيئن عوام جا مسئلا وقت تي حل ٿي سگهن.

بقايا 26 ***

۾ خيالن جو اظهار ڪندي خواجه سعد رفيق چيو ته ڪو به ملازم بيروزگار نه ٿيندو، آئوٽ سورسنگ جو مطلب اهو ناهي ته ايئرپورٽ وڪرو ڪيا پيا وڃن. هن چيو ته ڪنهن به دٻاءُ وڌو نه دٻاءُ برداشت نه ڪيو ويندو اسلام آباد ايئرپورٽ کي 15 سالن لاءِ آئوٽ سورس ڪيو ويندو. وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته اسلام آباد ڪانپوءِ لاهور ۽ ڪراچي ايئرپورٽس جي باري هوندي. خواجه سعد رفيق اهو به چيو ته 3 مهينن ۾ برطانيا جون اڏامون بحال ڪيون وينديون جنهن ڪانپوءِ يورپ ۽ آمريڪا جون اڏامون بحال ڪيون وينديون.

بقايا 27 ***

اڳوڻي ضلعي ناظم عارف خان مهر ۽ ايم پي اي شهريار خان مهر طرفان پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. ايم پي اي شهريار مهر ملڪ کان ٻاهر هجڻ سبب گڏجاڻي ۾ شريڪ نه هو. محرم بعد وزير آباد ۾ جلسي ٿيندو، جنهن ۾ پ پ قيادت به ايندي. ذريعن موجب خانڳڙهه جي مهر سردارن جا معاملا اڃان طئي نه ٿي سگهيا. پ پ ۾ شموليت رڪيل آهي. پ پ قيادت، خانڳڙهه جي مهر سردارن وچ ۾ ٻن صوبائي سيٽن جي گهر واري معاملي تي ڳالهيون ڊيڊ لاڪ جو شڪار آهن. پ پ ذريعن جي دعوي' ڪئي آهي ته ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ سردار علي گوهر مهر، راجا خان مهر به پ پ ۾ شامل ٿي ويندو. وڏي وزير سيد مراد علي شاه غوث بخش مهر جي رهائشگاه آمد وقت سائنس شڪارپور سان تعلق رکندڙ ڪريه پ پ اڳواڻ، آغا سراج دراني، امتياز شيخ، بابل خان ڀيو، ذوالفقار ڪماريو گڏ نه هئا

بقايا 28 ***

پي ٽي آءِ چيئرمين عبوري ضمانت جو مدو ختم ٿيڻ تي اي ٽي سي آڏو پيش ٿيو وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جي عبوري ضمانت ۾ 8 آگسٽ تائين واڌ ڪري ڇڏي پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف جناح هائوس، عسڪري ٽاور ۽ شادمان ٿاڻي تي حملي جا ٻه ڪيس داخل ٿيل آهن. ظل شاه قتل ڪيس ۽ وڳوڙي ڪاروائين جي ٻن ڪيسز ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي عبوري ضمانت تي فيصلو محفوظ ٿيل آهي.

بقايا 29 ***

ڪينيڊا جي ٻيلن ۾ گذريل هفتي ٻاهه لڳي هئي جنهن تي هيل تائين ضابطو ناهي آندو ويو پر ٻاهه وسائڻ لاءِ ريسڪيو آپريشن جاري آهي جنهن ۾ فائر فائٽرز زميني ۽ هوائي رستن سان

ڪيو ويو، هي شخص ڳجهن دستاويزن کي پنهنجي سياسي فائدن لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو بجاءِ واري وزير چيو ته جيڪڏهن سائيفر گم ٿي ويو ته ڪيسي مان ڪڍي ڇا ڊيڪاريو ويو، اعظم خان جو بيان اهم آهي ۽ سندس سائي به اهي ئي ڳالهيون ڪري رهيا آهن جيڪي اسان ڪندا هئاسين خواجه آصف چيو ته جنهن عدالتي آفيسر آڏو اعظم خان بيان ڏنو ان کان پڇائو ڪري سگهجي ٿو جيڪڏهن اڳوڻي وزيراعظم کي بيان تي تحفظات آهن ته پوءِ عدالت کي ٻڌايو ته ڇا اعظم خان جو بيان درست آهي، ن ليگ اڳواڻ چيو ته اقاما جي ڪري مون تي آرٽيڪل 6 لڳايو ويو، بشير ميمڻ آرٽيڪل 6 لڳائڻ جي اجازت نه ڏني، جيڪڏهن اقاما تي آرٽيڪل 6 لڳائي سگهجي ٿو ته اهو ڳجهو دستاويز آهي، ان ڪيس تي آرٽيڪل 6 100 سيڪڙو لاڳو آهي هن چيو ته فواد حسن فواد ۽ احد چيما ڊگهي قيد ڪاٽي ۽ ثابت قدم رهيا، فواد حسن فواد ۽ احد چيما جو ايمان الله قائم رکي، انهن ماڻهن کي چيو ويو ته نواز شريف خلاف بيان ڏين.

بقايا 17 ***

۾ چيو ته بنيادي جمهوري اصولن کي سپورٽ ڪندا آهيون. نه رڳو پاڪستان پر سڄي دنيا ۾ قانون جي حڪمراني جا حامي آهيون هن چيو ته قرآن پاڪ جي بيحرمتي جي مذمت ڪريون ٿا، اهو گڏو عمل آهي، اسان قرآن پاڪ ۽ ٻين ڪتابن جي اهميت کي سڃاڻون ٿا ۽ هر هڪ لاءِ مذهب يا عقيدي جي آزادي جي حق جي حمايت ڪريون ٿا. سندس چوڻ هو ته افغان طالبان کي سندن ڪيل واعدن تي قائم رکنداسين، اسان خطي ۾ پنهنجي آپريشن ڪرڻ جي صلاحيت کي برقرار رکيو آهي.

بقايا 18 ***

مظاهرو ڪندي 3 ٽائٽلز جڏهن ته ايس ايس يو جي هڪ ٻئي ڪمانڊو انتظار علي تازو ٿي مسٽر حيدرآباد ڊويزن جو ٽائٽل پنهنجي نالي ڪيو ڊي آءِ جي سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن ڊاڪٽر مقصود احمد ڪمانڊو کي سندن ڪاميابي تي مبارڪون ڏنيون ۽ ڪمانڊو احمد صديقي کي 1 لک رپيا ۽ ڪمانڊو انتظار علي کي 50 هزار روپيا ڪيش انعام ڏنو ويو ايس ايس يو ڪمانڊو احمد صديقي مسٽر بيچ فزيڪ 2023، مسٽر ايٿليٽڪ سينٽرل 2023 ۽ مسٽر اوپن ڪراچي 2023 جا ٽائٽلز پنهنجي نالي ڪيا. ايونٽ ۾ 6 ڪيٽيگريز ۾ آرمي ۽ اي ايس ايف جي اهلڪارن سميت 90 کان وڌيڪ باڊي بلڊرز شرڪت ڪئي.

بقايا 19 ***

ڪورٽ ۾ وڪيل جي قتل ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي اپيل تي ٻڌڻي ڪندڙ بئنچ تبديل ڪئي وئي آهي بئنچ ۾ جسٽس مسرت هلالي جي جاءِ تي جسٽس محمد علي مظهر کي شامل ڪيو ويو جسٽس يحيي' آفريدي جي سربراهي ۾ ٽه بئنچ ٻڌڻي ڪندو

بقايا 20 ***

تي سعودي عرب گهرائي سگهن ٿا. سوشل ميڊيا تي جاري بيان ۾ سعودي جي حج ۽ عمري واري وزارت ٻڌايو ته پرسنل وزٽ ويزا تي ايندڙ غير ملڪي شهري هڪ پيرو يا ان کان وڌيڪ پيرا اينٽري ويزا جي سهولت حاصل ڪري سگهندا. وزارت طرفان اهو به ٻڌايو ويو آهي ته ان ويزا تي ايندڙ غير ملڪي عمري جي سعادت ڪانسواءِ مسجد نبوي ص جي زيارت به ڪري سگهندا. ان ڪانسواءِ مختلف شهرن ۾ تاريخي هنڌن ۽ ثقافتي مرڪزن جو دورو به ڪري سگهندا. سعودي وزارت جو چوڻ هو ته پرسنل وزٽ ويزا تي ايندڙ غير ملڪين کي سعودي عرب جي سمورن شهرن ۽ ريجنز کي ڏسڻ جي به اجازت هوندي.

بقايا 21 ***

کي باهه ڏني وئي. ڪو پڇڻ وارو ناهي ته 9 مئي تي حملو ڪندڙ ڪير هئا؟ 9 مئي جي واقعن جو مرڪزي جوابدار پي ٽي آءِ چيئرمين آهي. ن ليگ اڳواڻ چيو ته قومي مفاد کي نقصان پهچائڻ واري لاڏلي کان پڇاڻو ناهي ڪيو ويو؟ جنهن به چيئرمين پي ٽي آءِ تي احسان ڪيو ان کي ڏنگ هنيو طلال چوڌري چيو ته هاڻي چيئرمين پي ٽي آءِ ڇٽي رهيو آهي ته اعظم خان ايماندار آهي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ چوندو ته مون کي سٺو سيڪريٽري به ناهي مليو ن ليگ اڳواڻ چيو ته جيڪڏهن ڪنهن کان پڇاڻو نه ڪيو وڃي ته آرٽيڪل 6 ختم ڪيو وڃي.

بقايا 22 ***

سمورن عالمن ۽ عالمن تي زور ڀريو ته هو مذهبي هم آهنگي ۽ رواداري برقرار رکن. رينجرز ترجمان جو چوڻ آهي ته اجلاس ۾ عالمن صوبائي حڪومت جي ضابطن ۽ ضابطن تي عملدرآمد جي خاطري ڪرائي. رينجرز ترجمان وڌيڪ چيو ته اجلاس ۾ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪئي وئي. سنڌ رينجرز جي ترجمان جو اهو به چوڻ آهي ته عالمن جي وفد سيڪيورٽي قدمن کي ساراهيو ۽ ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو.

بقايا 11 ***

آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته مسلم ليگ ن جي سينيئر اڳواڻن تي ٻڌل ڪميٽي کي اهم ڪم سونپيو ويو آهي. ڪميٽي ۾ اياز صادق، سعد رفيق، خواجا آصف، احسن اقبال ۽ اسحاق ڊار شامل آهن ڪميٽي پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي)، جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ)، متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) ۽ ٻين اتحادين سان ڳالهيون ڪندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته وزيراعظم اتحادي پارٽين کي به ڳالهيون ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. ن ليگ جي مذاڪراتي ڪميٽي سڌو سنئون نواز شريف سان رابطي ۾ هوندي، ڪميٽي پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) ۽ اتحادين سان ٻن اهم معاملن تي ڳالهيون ڪري رهي آهي، موجوده قومي اسيمبلي ڪڏهن توڙي ويندي، اهو معاملو غور هيٺ آهي.

بقايا 12 ***

جي اڳهه ۾ واڌ ڏسڻ ۾ آئي انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي ڇڪائي تي ڊالر رپيو 66 پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 286 رپين 81 پئسن جو ٿي ويو اوپن مارڪيٽ ۾ به ڊالر 50 پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 291 رپين جو ٿي ويو اوپن مارڪيٽ ۾ هلندڙ هفتي ڊالر 7 رپيا، جڏهن ته انٽر بئنڪ ۾ 9 رپيا 22 پئسا مهانگو ٿيو آهي.

بقايا 13 ***

ڪيس اڄ صبح 10 وڳي نيب راولپنڊي ۾ پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي، اعظم خان 190 ملين پائونڊ ڪيس جي جاچ جي سلسلي ۾ اڪيلو نيب ۾ پيش ٿيو جتي هن نيب جي گڏيل جاچ ٽيم سامهون بيان رڪارڊ ڪرايو ۽ ٽيم جي سوالن جا جواب ڏنا. ذريعن موجب اعظم خان پنهنجي بيان ۾ 190 ملين پائونڊ بابت اڳ کان موجود دستاويزن جي تصديق ڪئي ۽ ٻڌايو ته پئسا ڪيئن ادا ڪيا ويا. ذريعن جو چوڻ آهي ته اعظم خان تصديق ڪئي ته جيڪا رقم پاڪستان جي اڪائونٽ ۾ آئي، انهن سڀني معاملن جو هو اڪيلو ڏنو شاهد آهي، هن گهڻن معاملن کي ڏٺو آهي. عمران خان به ان حوالي سان هدايتون ڏيندو رهيو. ذريعن موجب اعظم خان چيو ته ان حوالي سان ڪابينا اجلاس لاءِ جيڪا سمري تيار ٿي، جنهن جي منظوري ڪابينه ڏني، ان جي تياري ۾ شهزاد اڪبر جو بنيادي ڪردار هو، سمري پيش ڪرڻ کان اڳ به هڪ ميٽنگ ٿي، جيڪا عمران خان سان ٿي هئي، ان ۾ شهزاد اڪبر به موجود هو ذريعن جو چوڻ آهي ته اعظم خان نيب سامهون ڪابينه اجلاس بابت پڇيل سوالن جا جواب به ڏنا ۽ سمري جي حوالي سان ميٽنگز جو احوال به ٻڌايو. ذريعن موجب ڪيس ۾ اعظم خان پي ٽي آءِ چيئرمين جي دعوائن جي ابتڙ بيان ڏنو آهي ۽ ٻڌايو ته ڪهڙي ڪهڙي موقعي تي عمران خان ان حوالي سان هدايتون جاري ڪيون. جڏهن ته شهزاد اڪبر به رقم جي حوالي سان مشاورت ڪندو رهيو، ان حوالي سان ڪابينه ۾ سمري پيش ڪرڻ جو فيصلو عمران خان جي منظوري سان ٿيو

بقايا 14 ***

سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي واري ٽئين واقعي جي سخت مذمت ڪئي آهي سويڊن ۾ جنوني شخص سلوان موميڪا پوليس جي ڀرپور هيٺ هڪ ڀيرو ٻيهر قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪئي سلوان موميڪا گذريل مهيني 29 جون تي عيد الاضحي' واري ڏينهن به قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪئي هئي. هيبرڊيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهري' بلوچ چيو آهي ته اسلامو فوبيا جي واقعن دنيا جي 2 ارب مسلمانن جي دل آزاري ڪئي آهي. هيبرڊيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهري' بلوچ چيو ته عالمي برادري اسلامو فوبيا جي ڪاروائين جي مذمت ڪري

بقايا 15 ***

آهي، جڏهن ته سي سي ٽي وي ۽ ٻين شاهدين جي روشني ۾ ڪاروائي عمل ۾ آندي ٿئي وڃي، پوليس ذريعن جو چوڻ آهي ته آپگهاتي حملي آور پڪگي جي علائقي مان گاڏي ۾ سوار ٿيو ۽ مختلف علائقن مان ٿيندو حيات آباد پهتو، جنهن جو ٽارگيٽ سيڪيورٽي فورسز جي گاڏي هئي. ذريعن موجب سي ٽي ڊي آپگهاتي حملي آور جي موبائل فون ۽ سر برآمد ڪري ورتي آهي، آپگهاتي حملي آور جي استعمال هيٺ موبائل سم ڪنهن ٻئي جي نالي تي هئي، جڏهن ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سم جي مالڪ کي گرفتار ڪري ورتو آهي، سم جي مالڪ پوليس کي بيان ڏنو ته مون کان سم گم ٿي وئي هئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته آپگهاتي حملي آور ملڪ جي مختلف حصن مان ايندڙ ڪالز تي ڳالهايو، آپگهاتي حملي آور بابت سمورا تفصيل پوليس نادرا کان حاصل ڪيا آهن.

بقايا 16 ***

6 لاڳو ٿي سگهي ٿو، سائفر هڪ ڳجهو دستاويز آهي جنهن کي سياست لاءِ استعمال ڪيو ويو، ان کي پنهنجي ڪيسي مان ڊيڪاريو ويو پوءِ چيو ويو ته گم ٿي ويا آهن هن چيو ته وڏي ملڪ سان غداري نه ٿي سگهي، آفيشل سيڪريٽس ايڪٽ ذريعي قومي سلامتي سان ڪمپرومائيز

تحت ڪيا ويا، جاچ دوران ڊجيٽل شاهدين، موبائل وڊيوز، ڪلوز سرڪٽ فوٽيجز، موبائل رابطا ثابت ٿي ويا. رپورٽ موجب پي ٽي آءِ چيئرمين جي بيان ۾ شاهدين سان تضاد آهي. جي آءِ ٽي سامهون پيش ٿيندڙ ٻين اڳواڻن جا بيان به حقيقتن جي ابتڙ ثابت ٿيا. پي ٽي آءِ اڳواڻ ڊجيٽل ۽ فرانزڪ شاهدين سامهون سوالن جا مناسب جواب نه ڏئي سگهيا. ڪيس نمبر 23/96 ڪانسواءِ ٻين ڪيسن ۾ به پي ٽي آءِ قيادت ڏوهي نڪتي. 10 ڪيسن ۾ نامزد ۽ گرفتار جوابدارن جي حساس ملڪيتن تي موجودگي جيو فينسنگ رپورٽ ۾ ثابت ٿي، سڀني ڪيسن جي جاچ رپورٽ جلد عدالت ۾ پيش ڪئي ويندي.

بقايا 07 ***

عملي جوڙينداسين، او آءِ سي کي مسلم امت جي احساسن جي ترجماني ۽ ان شيطانيت کي روڪرائڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪرڻو آهي. توريت، انجيل ۽ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي اجازت ڏيڻ جي فيصلي کي تبديل ڪرڻ جي مهر هلائينداسين هن چيو ته مقدس ڪتابن هستين جي بي حرمتي اظهار جي آزادي نه دنيا کي مستقل آزار ڏيڻ جي آزادي آهي. انهن واقعن جو تسلسل ۽ تربيت ثبوت آهي ته اهو اظهار نه پر سياسي ۽ شيطاني ايجنڊا جو حصو آهي. سندس چوڻ هو ته مسلم امت ۽ عيسائي برادري کي گڏجي ان سازش کي روڪڻو پوندو، شيطان جا پيروڪار بي حرمتي ڪري رهيا آهن. نفرت کي هٿي ڏني پئي وڃي، جنهن جي عالمي قانون اجازت نٿو ڏئي. وزيراعظم چيو ته مذهبي جذبن کي ڀڙڪائڻ، شرپسندي، دهشتگردي ۽ تشدد تي اڪسائڻ جا اهي رويا دنيا جي امن لاءِ خطرناڪ آهن، اهي رويا قانوني ۽ اخلاقي ٻنهي لحاظن سان نفرت ۽ مذمت جوڳا آهن.

بقايا 08 ***

ڊار جو چوڻ آهي ته اسان جي ڀرپور ڪوشش آهي ته نائين اليون جو جائزو ورتو وڃي. آءِ ايم ايف سان معاهدي جا دستاويز قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيا ويا آهن. اهو ڪم شفافيت برقرار رکڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي. سندس چوڻ آهي ته سمورا دستاويز ناڻي واري وزارت جي ويب سائيٽ تي به موجود آهن. مان انهن سمورن دستاويزن جون ڪاپيون قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جي لائبريريءَ کي به موڪلي رهيو آهيان. اسحاق ڊار چيو ته گذريل حڪومت جي ناقص پاليسين سبب ملڪي معيشت کي مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو. هن چيو ته هو آءِ ايم ايف سان معاهدي جا تفصيل ايوان ۾ پيش ڪري رهيا آهن. جنهن جو مقصد اهو آهي ته پارليامينٽ جا ميمبر تفصيل کان واقف ٿي سگهن. ناڻي واري وزير چيو ته آءِ ايم ايف جو نائين جائزو نومبر 2022ع ۾ ڏهين جائزو فيبروري 2023ع ۾ ٿيڻو هو. جڏهن ته يارنهن جائزو 2023ع ۾ ٿيڻو هو هن چيو ته ساک جي کوٽ سبب نائين نظرثاني ۾ دير ٿي. 24_2023ع جي بجيٽ آئي پر نائين نظرثاني نه ڪئي وئي. ناڻي واري وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته يقين ڏيان ٿو ته زراعت ۽ ريئل اسٽيٽ تي ڪوبه ٽيڪس نه لڳايو ويندو. پاڪستان جا ذخيرا 14 ارب ڊالرن تائين پهچي ويا آهن. هن چيو ته خانگي بئنڪن وٽ 5.3 ارب ڊالرز جا ذخيرا آهن. اسٽيٽ بئنڪ وٽ 8.7 ارب ڊالرز جا ذخيرا آهن. هو ملڪ کي معاشي طور مستحڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

بقايا 09 ***

قرار ڏنو ويو. حڪمرانن ملڪ کي بگاڙي ڇڏيو صفدر آباد شيخوپورا ۾ ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي امير چيو ته پيپلزپارٽي جي حڪومت 16 مهينن ۾ عوام جو هڪ مسئلو به حل ناهي ڪيو. پي ٽي آءِ پوڻا چار سال تباهه ڪيا. موجوده ۽ ماضي جي حڪومتن جو سڄو ڪاروبار ڪوڙ تي هلندو رهيو هن چيو ته 12 آگسٽ تي اسيمبليون ختم ٿي وينديون، چاهيان ٿو ته عوام اليڪشن ۾ تبديلي، روٽي ڪپڙا مڪان ۽ ملڪ کي ايشين ٽائيگر بڻائڻ جي دعويدارن جو احتساب ڪري، سندس چوڻ هو ته وياج جي هوندي معيشت ٺيڪ نٿي ٿي سگهي، اقتدار ۾ اچي جماعت اسلامي وياج کي فوري ختم ڪندي. جماعت اسلامي امير جو چوڻ هو ته هو نوجوانن کي روزگار ۽ زرعي زمينون ڏيندا. تعليم کي مفت ڪيو ويندو. ملڪ قرضندڙ جيلن ۾ هوندا. هن چو ته سياسي پارٽيون جمهوريت جو راڳ آلاپڻ کان اڳ پنهنجي اندر جمهوريت آڻين. شخصي ۽ خانداني حڪمراني قائم رهي ۽ ملڪ جا فيصلا بند ڪمرن ۽ پرڏيهه ۾ ٿيندا رهيا ته بهتري نه ايندي. پي ڊي ايم، پيپلزپارٽي ۽ پي ٽي آءِ جي ناڪامي بعد بهتري جو واحد آپشن جماعت اسلامي آهي.

بقايا 10 ***

اوپن مارڪيٽ ۾ به ڊالر 50 پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 291 رپين جو ٿي ويو اوپن مارڪيٽ ۾ هلندڙ هفتي ڊالر 7 رپيا، جڏهن ته انٽر بئنڪ ۾ 9 رپيا 22 پئسا مهانگو ٿيو آهي.

بقايا 01 ***

ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي جڏهن ته الحاج بخش خان مهر ۽ سندس پٽن عارف خان مهر ۽ شهريار خان مهر جي شموليت پڻ ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي. اسان انهن سمورن معززين کي پيپلزپارٽي ۾ ڀليڪار ۽ واڌايون پيش ڪريون ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ علي هائوس ڪراچي ۾ مختلف وفدن ۽ عوام سان ملاقات جي موقعي تي ڪيو صوبائي وزير چيو ته اها خوش جوڳي ڳالهه آهي ته الحاج غوث بخش خان مهر ۽ سندس پٽ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيا آهن جيڪو پڻ چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ سندس پاليسين تي اعتماد جو مظهر آهي. ان موقعي تي سيد ناصر حسين شاه چيو ته شهريار مهر ۽ عارف خان مهر کي قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون ٽڪيٽون ڏنيون وينديون ۽ اهي اليڪشن ۾ پيپلزپارٽي جا اميدوار هوندا. هن وڌيڪ چيو ته الحاج غوث بخش خان مهر پاران پنهنجي اباڻي وزيرآباد ۾ جلد هڪ وڏو پروگرام منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ مختلف برادرين پاران پيپلزپارٽي ۾ شموليت جو اعلان پڻ ڪيو ويندو. ان موقعي تي ماڻهن جي وڏي انگ ناصر شاه کي درخواستون ڏيندي مسئلا پيش ڪيا. صوبائي وزير ڪجهه درخواستن تي تڪڙا حڪم جاري ڪيا ۽ عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي فون تي هدايتون پڻ جاري ڪيون. عوام پاران چيئرمين بلاول ڀٽو جي ويزن موجب رليف فراهم ڪرڻ ۽ مسئلا حل ڪرڻ تي ناصر شاه جا ٿورا مڃيا.

بقايا 02 ***

ملاقات جي اجازت هجي چيف جسٽس اٽارني جنرل کي مخاطب ٿيندي سوال ڪيو ته ڇا اسان ڪنهن رٽائرڊ جج کي 102 ماڻهن سان ملاقات لاءِ فوڪل پرسن مقرر ڪري سگهون ٿا؟ اٽارني جنرل جواب ڏيندي چيو ته ان حوالي سان مان توهان کي چيمبر ۾ ٻڌائيندس، چيف جسٽس رمارڪس ۾ چيو ته فوجي عدالتن ۾ جوابدارن کي دفاع لاءِ تمام گهٽ وقت ڏنو ويندو آهي اٽارني جنرل دليل ڏيندي چيو ته ملٽري ڪورٽس ۾ ٽرائل دوران جوابدار پنهنجي وڪيل سان مشاورت ڪري سگهي ٿو، ظاهري طور حراست ۾ موجود 102 جوابدارن مان ڪنهن کي به موت جي سزا نه ڏني ويندي، ٽرائل دوران جوابدارن جي گهرڀاتين کي ڪيس ڏسڻ جي اجازت ڏني ويندي اٽارني جنرل دليلن دوران وڌيڪ چيو ته جوابدارن کي اپيل جو حق ڏيڻ بابت محتاط رهي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. اٽارني جنرل پارٽي جاسوس ڪليوشن ڪيس جو حوالو ڏيندي چيو ته اسان کي ائين هلڻو پوندو جو ملڪي پوزيشن متاثر نه ٿئي سپريم ڪورٽ حراست ۾ موجود ماڻهن کي جسماني ۽ ذهني تشدد جو نشانو نه بڻائڻ جي هدايت ڏيندي ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 03 ***

ٻئي شخص ڪيا هئا پر هن هڪ به گهر ناهي نه ڏنو. اسان اڳ ئي چيو هو ته سائيفر وارو معاملو هڪ ڊرامو آهي. پي ٽي آءِ جا ميمبر اسيمبلي به نه ٿا اچن، خوف وچان لڪندا پيا وتن. پي ٽي آءِ ميمبرز کي اجلاس ۾ آن لائين شرڪت جي آڇ ڪيون ٿا. صوبائي وزير شرجيل ميمڻ سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب دوران چيو ته سنڌ جي 21 لک ٻوڏ متاثرن کي گهر ناهي ڏينداسين. هن چيو ته هر متاثر خاندان کي گهر جي اڏاوت لاءِ 3_3 لک روپيا ڏنا ويندا. شرجيل ميمڻ دعوي' ڪئي ته سنڌ حڪومت مشڪل وقت ۾ عوام کي

ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيو آهي ۽ نه ڪڏهن ڇڏيندي

بقايا 04 ***

۾ پنهنجو نالو ڪمايو آهي. راتديون هجن يا تعليم ۽ هنر، پاڪستاني ڪنهن کان گهٽ نه آهن. هتي ڪجهه اهڙا امير ماڻهو به آهن جيڪي سڄي دنيا ۾ خاص سڃاڻپ رکن ٿا.

بقايا 05 ***

